دیوانِ مسکین

قدوۃ العارفین پیر سید حزب اللہ شاہ راشدی مسکین
پیر سائیں تخت دھنی رحمۃ اللہ علیہ
(ثالث پاگارہ)



صاحبِ دیوان

دیوانِ مسکین

قدوۃ العارفین پیر سید حزب اللہ شاہ مسکینؒ

معروف بہ پیر سائیں تخت دھنی (سوم پاگارہ)

وصال: ۱۳۰۸ھ

ناشرؒ

جمعیت علماء سکندریہ، درگاہ شریف پیر جو گوٹھ۔ ضلع خیرپور (سندھ)

نام : دیوانِ مسکینؔ

مصنّف : پیر سیّد حزب اللہ شاہ مسکینؔ (سوم پیر پاگارہ)

مُقدمہ : جناب ڈاکٹر این ۔ اے بلوچ

ترجمہ : مفتی محمد رحیم سکندری

تحریک : منشی محمد پریل صاحب

تحقیق و تقابلِ متن : پروفیسر محمد فاضل شیخ (ڈگری کالج سکھّر)

کتابت : حسن قلم سکھّر

تاریخ طباعت :۔ فروری ۱۹۸۵ء

ہدیہ :

ناشر : جمعیت علماء سکندریہ

درگاہ شریف پیر جو گوٹھ، ضلع خیرپور سندھ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ
نَحۡمَدُہٗ وَنُصَلِّیۡ عَلٰی رَسُوۡلِہِ الۡکَرِیۡمِ

احوال واقعي

بي حساب حمد، خالق اڪبر جي ذات لاءِ، جنهن انسان کي درد ۽ دانهن، سوز ۽ سڪ، ذوق ۽ شوق جي اظهار واسطي زبان بخشي آهي.

درود لا محدود، رحمة للعالمين، شفيع المذنبين، حضرت محمد ڪريم صلی اللہ عليه واله وسلم تي، جنهن انسان کي، الفت ۽ محبت، درد ۽ ذوق جي لذت کان آشنا ڪيو. امابعد

طريقت ۽ شريعت جي سرواڻ، فنا في الرسول حضرت پيرسائين سيد حزب اللہ شاهه مسڪين (تخت ڌڻي رحمة الله تعالیٰ عليه، تيون پاڳارو) جو فارسي ڪلام ترجمي سميت پيش خدمت آهي.

حقيقت هي آهي ته جڏهن، ١٩٨٣ع ۾ جناب منشي محمد پريل صاحب ۽ فقير خليفي عبدالله جي ترغيب ۽ تائيد تي جمعيت علماء سڪندريه، ديوان مسڪين جي اشاعت جو فيصلو ڪيو ته انهيءَ وقت محترمي مترجم صاحب جي آڏو فقط هڪڙو نسخو جامعه راشديه جو موجود هو. بعد ۾ محترم ممتاز سومرو صاحب (روهڙي واري) جو نسخو ۽ ڊاڪٽر عباس علي صاحب گهمرو جو نسخو مليو.

ممتاز صاحب وارو نسخو سادي خط ۾ نسبتاً مڪمل هو، جڏهن ته گهمري صاحب وارو نسخو سهڻي خط ۾ مگر ناقص هو. انهن ٽن نسخن کي آڏو رکي جناب ڊاڪٽر پروفيسر غلام مصطفیٰ صاحب حيدرآباد جن، پهريون پيرو ديوان مسڪين جو متن تيار ڪيو جيڪو

ڪاتب وٽ ڪتابت لاءِ ڏنو ويو. ڪافي ڪتاب لکجي وڃڻ بعد جناب پيرعلي شاهه لڪياري مرحوم (چوڏاهو) جو نسخو سندن نينگر سيد عبداللطيف شاهه کان محترم پروفيسر شيخ محمد فاضل صاحب ۽ عبدالرحمان صاحب مهيسر جي معرفت عنايت ٿيو. انهيءَ ئي موقعي تي ملا الاهي بخش سومرو پيرڳوٺ واري جو نسخو پڻ مليو.

پيرعلي شاهه مرحوم جو نسخو درگاهه شريف جي قديمي منشي محمد رحيم راجڙ جو لکيل هو. منشي صاحب محمد پريل جي بقول اهو نسخو صحت جي اعتبار کان سڀني نسخن کان اهم هو. انهيءَ ڪري مفتي محمد رحيم صاحب ۽ جناب پروفيسر شيخ محمد فاضل صاحب جي وساطت سان دوباره ڪتاب جي متن جي تحقيق ۽ تقابل جو ڪم ضروري سمجهيو ويو.

چنانچه بيو پيرو تحقيق ۽ تقابل جي نتيجي ۾ هڪ ته نوان غزل به هٿ آيا، ٻي طرف اڳي جي ڀيٽ ۾ متن جي نسبتاً بهتر تصحيح ٿي ويئي. تاهم ڪاتبن ۽ ناقلن جون غلطيون اڃا به شعرن ۾ موجود آهن. خدا ڪري ته غلطين کان مڪمل صاف متن ملڻ جي ڪا وات نڪري اچي.

حسن اتفاق چئجي يا روحاني مدد، جو ڪتاب پريس ۾ وڃڻ وارو هو ته هڪ نهايت ئي قيمتي غزل (حمد ۽ مناجات تي مشتمل) جيڪو مفتي اعظم پاڪستان مفتي صاحبڏاد رحمت الله عليه جي سنه ١٣٦٣هه جي ڊائري ۾ لکيل هو، مليو.

جمعيت علماء سڪندريه پنهنجي واجب الاحترام، سرپرست اعلیٰ حضرت پيرسائين پاڳاري، شاهه مردان شاهه ثاني دامت برڪاتهم جي مرهون منت آهي. جن جي نظر فيض اثر اسان جي هر مقام تي رهبري ۽ دستگيري ڪندي رهي آهي.

جڳ مشهور محترم ڊاڪٽر اين. اي بلوچ صاحب، جنهن هن ڪتاب جي مقدمي لاءِ محققانه مقالو لکي ڏنو.

قبله شيخ الحديث مولانا تقدس علي خان صاحب، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ۽ جناب پروفيسر محمد فاضل شيخ (سکر) جن صاحبن پنهنجي مصروفيتن جي باوجود متن جي تحقيق ۽ تقابل ۾ هر طرح مدد ڪئي. اسان انهن مڙني مهربانن جا ٿورائتا آهيون.

فقير عبدالله منگريو، فقير محمد عرس ڏاهري، فقير غلام قادر پرهيار، فقير مير محمد پيو، فقير عبدالحڪيم هنگورو، فقير پير بخش ڳاهو، مولوي فيض محمد پتافي (فيض قلم) ۽ مولوي محمد موريو جو ۽ جماعت جي ٻين فردن لاءِ به مشڪور آهيون، جن مختلف مرحلن ۾ ديوان مسڪين جي اشاعت ۾ مدد ڪئي.

ممتاز صاحب سومرو، ڊاڪٽر عباس علي گهمرو، ملا الاهي بخش سومرو، سيد عبداللطيف شاهه چوڏهو، فقير هدايت الله مهر، مولانا عبداللطيف ۽ عبدالرحمان مهيسر لاءِ به ازحد مشڪور آهيون، جن صاحبن بالواسطه ۽ بلاواسطه قيمتي نسخن عنايت ڪرڻ جي عنايت ڪئي.

قربان علي سڪندري

ناظم: جمعيت علماء سڪندريه، درگاهه شريف

پير جو ڳوٺ

۴، فيبروري ۱۹۸۵ع

تذکرۂ صاحبِ "دیوانِ مسکینؒ"

قدوۃ العارفین سیّد حزب اللہ شاہ فرزند پیر سید علی گوہر شاہ (وصال ۱۲۶۳) فرزند بطلِ حریت، مجاہد کبیر پیر سیّد صبغۃ اللہ شاہ اوّل (وصال ۱۲۴۶) فرزند پیر دستگیر غوثِ زماں سیّد محمد راشد شاہ معروف بہ پیر سیّد روضہ دھنی (کہ جد امجد خاندانِ سادات راشدیہ و مورثِ اعلیٰ پیرانِ پاگارہ و جھنڈا) اند نسب ایشاں بقول میر علی شیر قانع "از بسیار صحیح النسب سادات است" نزد مریدین و متوسلین ملقب بلقب پیر سائیں تخت دھنی اند۔ و در شاعری تخلص بہ "مسکین" مے کردند۔

ولادت تولد پیر سیّد حزب اللہ شاہ بتاریخ ۱۴ شوال ۱۲۵۸ ھجری بمقام "پیر جو گوٹھ" ضلع خیر پور سندھ شد۔

خانوادہ ایں حضرت مجمع کمالات صوریہ و معنویہ، مرجع مشتاقاں طریقِ الی اللہ، و منبعِ علم و عرفاں بود۔

زفیضِ نظر کیمیا اثر قدوۃ السالکین پیر سیّد محمد راشد روضہ دھنی لکھو کھا مرداں توبہ زراہِ بدعت و ضلالت نمودہ مزیّن بزیور معرفت و سنّت و ادب و محبّت شدند۔

تمامی عمر حضرتِ ایشاں تادم آخریں صرف در خدمتِ دین متین، و اشاعت معرفت و سنّت و ارشاد مشتاقانِ طریقت شد۔ باوجود علالتِ کثیر الاوقات مشقت سفرہائے طویل برسر خود بصد انبساط و مسرت اختیار نمودند۔ لرضاء اللہ و رسولہ و نصیحۃ للمؤمنین فقط تعداد خلفاء کاملین متجاوز بر سیزدہ صد است۔

باوجود ارشاد و تلقین سلسلہ کتب بینی و کتب اندوزی و تصنیف و تالیف و تعلیم صاحبزادگاں۔ بلا امتیاز سفر و حضر جاری بود۔

علاوہ ملفوظاتِ گرامی کہ بحرِ علوم لامتناہی است از تصانیف ایشان اندکہ "شرح اسماء الحسنیٰ" و "مکاتیب گرامی" شاہد کافی است۔

نیز در لغت کتابِ عظیم تالیف نمودند۔ بقول پیر حسام الدین راشدی، اشتمال ایں کتاب زائد بر چہار ہزار صفحات فل اسکیپ سائز است۔

حضرت پیر سید روضہ دھنی "کتاب" را عظمتے میدادند بے حساب۔ میفرمودند "کتاب عبادت است۔" و "کتاب وسیلہ فیض و برکت است"، لہٰذا "کتاب بہدیہ گراں خرید کردن باید"

حضرت پیر سید صبغۃ اللہ شاہ اولین قائد حریت است کہ زخانقاہِ عالیہ خلاف استبدادِ سکھاں و غصب فرنگ بانگ بلند نمود و اعلانِ جہاد کرد، معرکہائے کہ در علاقہ جات میر پور خاص و بدین با فرنگ سامراج شدند۔ زمام قیادت در دست ایں حضرت بود۔

میر ٹھارو۔ میر شیر محمد والیانِ ریاست میرپورخاص و قوم کھوسہ کہ دادِ شجاعت در میداں جہاد و حفاظت ملک و ملت دادند از متوسلین ایں حضرت بودند۔

والد بزرگوار ایشاں پیر سید علی گوہر شاہ اول صاحب "کلام اصغر" علامہ دہر، عالم متبحر و نابغۂ روزگار بود، در تصوف، ادب، انشا، شعر و دیگر فنون متنوعہ ید طولیٰ میداشت۔

ذوقے ولذتیکہ در کلام حضرت پیر سید علی گوہر شاہ است تعلق باستماع دل میدارد۔

وقتیکہ پیر سید علی گوہر شاہ در عمر سی و دو سال وصال فرمود۔ عمر حضرت پیر سید حزب اللہ شاہ (کہ مثل در یکتا واحد فرزند دلبند والدِ خود بود) پنجگی سال بود۔ تاہم تعلیم ظاہری و معنوی حضرت متاثر نہ شد۔

اہتمام ابتدائی علوم نزد ملا محمد مرحوم کردہ شد و تکمیل فنون تفسیر و حدیث، فقہ و تصوف و علوم متداولہ نزد نابغۂ روزگار مولانا محمد عیسیٰ نمودند۔ تا آنکہ تبحر علمی حضرتِ ایشاں مشار الیہ علماء و فضلاء روزگار شد۔

حضرت پیر سید حزب اللہ شاہ در ہر فن و ہر کار رعایتِ نفاست و ذوقِ لطیف را رعایتے کرد۔

بالخصوص در تعمیر ذوق نقش نگاری و در خطاطی زرنگاری پسندیده نفاستِ طبع او بود و خود ایں حضرت در ذات خویش مانی و بهزاد زماں بودند۔

سخن عجیب ایں است کہ پیر حزب اللہ شاہ بیک وقت شہنشاہ صفت و نفیس الطبع لیکن فقیر منش فیاض و خداترس بودند۔

بارے محفل علماء و مردانِ خدا قائم بود کہ سخن بر نفاست و ندرت زیرِ تکمیل محل حضرت پیر صاحب رسید۔ مردے خدا گفت محل بیشک عظیم الشان است۔ مگر آخر الامر شانِ او فناست۔ بشرطِ استماعِ ایں سخن بر حضرت پیر صاحب حالتے و کیفیتے چنیں طاری شد کہ زار و قطار در گریہ فتادند۔ تا آنکہ حکم نمودند۔ کہ کار محل ہر جا کہ رسیدہ است ختم کردہ آید۔

در نظر کیمیا اثر ایشاں صفتے بود کہ کسے ہمت التفات بسوئے ایشاں نمیداشت۔ بوقتِ زیارت چنداں مرید بیہوش شدہ بر زمیں مے افتادند۔

ایشاں مستجاب الدعوات بودند۔ ہر لفظ کہ از زباں صادر شد مثل تیر قضا بر نشانہ فتاد۔

فیاضی حضرت پیر سید حزب اللہ شاہ در جہاں معروف بود۔ حقیقت ایں است کہ حضرت پیر صاحب قدس سرہ العزیز را در سخاوت و فیاضی لذتے و ذوقے و کیفیتے چنیں دست مے داد کہ ایشاں بر فیاضی مضطر و مجبور بودند۔

معمول ایں شہنشاہ صفت فقر بدیں نمط بود کہ ہر شب بوقتِ خفتن، امر اتفاق ہر چیز در راہِ خدا میکردند۔ تا آنکہ آبِ دلوہا نیز میریختند و میفرمودند کہ چیزے برائے فردا باقی داشتن منافی توکل بر رب رزاق است۔"

بوقتِ وصال فرمود کہ حسرتِ سہ چیز در دل بر داشتہ مے روم (۱) کسے در راہِ خدا سوال جانِ ایں فقیر نکرد (۲) کسے بنامِ خدا سوال صد ہزار روپیہ نکرد (۳) ارشاد طریق الی اللہ چنانچہ حق است کسے نگرفت۔

بوجہ فیاضی و انفاقِ فی سبیل اللہ وقتِ وصال سہ صد ہزار روپیہ قرض گذاشتہ وصال نمودند۔

سرپرستی علم و علماء ذاتِ ایں حضرت بوجہ قدر دانی علم و فضل مرجع علماء، فقراء و شرفا و سادات بود۔ متبحر علماء بوجہ سرپرستی ایں حضرت از گوشہ گوشہ آمدہ مستقل سکونت زیرِ سایہ عاطفت ایشاں نمودند۔ بقول پیر حسام الدین راشدی پیر جوگوٹھ یادِ بغداد ہارون الرشید تازہ میکرد۔ علماء و شعراء اکثر و بیشتر خلعتہائے نفیس و ہدایا گراں قدر بذل مے نمودند۔ بارے مولینا بھائی را فیل بطور انعام دادند، وصاحبزادہ پیر علی اصغر شاہ راکہ فرزند حضرت ایشاں بود۔ بر شعرے مسرور شدہ زر کشیدہ عمامہ و دیگر خلعتہا نفیس ارزانی فرمودند۔

دیوانِ مسکینؔ حضرت پیر سید حزب اللہ شاہ اکثر کلام بطرزِ حافظ شیرازی گفتہ است۔ و حافظ را استاد خویش می گویند۔ و بطرزِ جامی نیز غزل فرمودہ است۔

موضوعات دیوانِ مسکینؔ فراق و وصال، ذوق حسن و جمال، عشق استغاثہ حقیقت و مجاز، مدح و مناجات سوز و درد۔ امر معروف و نہی عن المنکر و کلمۂ حق است۔

پروازِ تخیّل و منظر نگاری جذبات نزد حضرتِ مسکینؔ بفیاضی تمام و فراوانی است۔ کثرت غمِ دوست راچنیں مے گوید۔

گرچہ انبار غمت راہمہ پیمایم لیک ہمچو مشتے کہ زخروارے بروں مے آید

مسکینؔ با وجود عتاب دوست ہر وقت زعنایات او پر امید است و دست از دامن امید بر نمیدارد میگوید۔

زآب دیدہ کہ ہر لحظہ میدہم آبش بود کہ نخل امیدم رسد ببار آخر

مسکینؔ در ہر صورت و بر ہر حال ز ذوقِ وصال و داغِ فراق بلکہ ز تصوّرِ وصال نیز مسرور و مشکور مے نظر آید چنانچہ می گوید۔

للہ الحمد کہ اغیار ندارد بر دیف شکر للہ کہ گل بے خار بروں مے آید

دیوانہ شدم پائے نہادم سرکویش | ز ذالقہ سنگِ طفلاں بکہ گویم
باغبانا! بندۂ لطفت شوم کاندر چمن | بید مجنوں رانہادی سروِ لیلیٰ دربغل
چو مجنوں درخیالِ انتظار محملِ لیلےٰ | باآب دیدہ صحرائے جنوں آباد میکردم

حضرتِ مسکینؔ درتصویرکشی تصویر محبوب زلف و رُخِ زیبائے اوید طولیٰ و نفاستِ خوب میدارد میگوید۔

شعاع روئے آں دلبر زگیسویش چناں دیدم | کہ لالہ رُستہ از سنبل برنگِ ارغواں دیدم
ابروئے مد بسملہ کاتب چو کشید خط | از سرحسن دلربا راست فتاد در غلط
شد رہزنِ اسلام دلم کفر دو زلفت | ہندوئے تراحاجتِ زنار نباشد
بگیذ بست دوزلف تو مرا سرتاپا | کہ نہ طلبید زمن، ہیچ گواہی گا ہے

حضرتِ مسکینؔ الطاف محبوب را واحد ملجاو ماویٰ یقین مے کند و ہر در را بند دیدہ درالطاف محبوب کشادہ مے بیند میگوید۔

بہر درگہ کہ میرفتم ہمہ درہائے بربستند | بیاتاحالِ یا خود رالساقی کوثر اندازیم

ولبعد از وصال نیز بحضور محبوب حقیقی فریاد و استغاثہ کناں ملتمس است کہ :۔

اگر بر تربتم آئی باستقبالِ اقدامت | رواں از آسماں آید تنم از خاک برخیزد

ایں آفتاب علم و فضل تا مدت پنجاہ سال برجہاں عرفان وایقان ضیا پاشی کردہ۔ بتاریخ ۴۔ محرم ۱۳۰۸ھ غروب نمود۔ خبر وصالِ او شنیدہ چند تا مریداں راسخ دست از جان شستہ نیز وصال نمودند۔

ہدیۂ تشکر : جذباتِ تشکر واجب مے دانم برائے سرپرستِ اعلیٰ جمعیت علما سکندریہ وجامعہ راشدیہ حضرت پیر صاحب پاگارہ شاہِ مرداں شاہِ ثانی دامت برکاتہم وافاضاتہم العالیہ، کہ بنظر شفقتِ ایشاں ایں خدمت بتمامی رسید۔

خادم واحباب جمعیت مشکور اند برائے استاد العلماء والفضلاء مخدومی جناب ڈاکٹر نبی بخش خان بلوچ کہ بر التماس فقیر مقدمہ دیوانِ مسکینؔ بتحقیق انیق تحریر فرمودند۔

ناسپاسی خواہد شد اگر ذکر محبّی و مخلصی محمد فاضل شیخ پروفیسر ڈگری کالج سکھّر نکنم کہ ایشاں باوجود عدیم الفرصتی در تنقیح و تقابل متون و ترجمہ کتاب تعاون فرمودند۔

ناسپاسی خواہد شد اگر تشکرات بخدمت جناب ڈاکٹر غلام مصطفےٰ صاحب بجانہ آرم کہ باوجود علالت اول بار در تصحیح متن از استشارات گراں قدر سرافراز نمودند۔

فقیر مفتی محمد رحیم سکندری

ناظم جامعہ راشدیہ

خطیب مسجد درگاہ شریف

پیر جوگوٹھ ضلع خیرپور سندھ پاکستان

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مقدمو

جناب پير سائين حزب الله شاهه ڇنڇر جي ڏينهن تاريخ ١٨. شوال ١٢٥٨ هجري ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي والد پير سائين علي گوهر شاهه ’اصغر‘ عرف ’بنگلي ڌڻي‘ جو اڪيلو فرزند دلبند هو، پر هڪ ئي لکن جو ئي سامائو. اڃا پنجن سالن جي عمر جو ئي ڪونه هو، جو سندن پياري والد هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. ننڍڙي عمر ۾ يتيمي سندن واسطي الاهي نعمت بڻي، جنهن کين اعليٰ علمي لياقت ۽ فضيلت، حوصلي ۽ همت، خوداعتمادي ۽ خودداري وارين خوبين سان سينگاريو، ۽ ايندڙ زندگي جي ذميدارين ۽ آزمائشن لاءِ پچائي پختو ڪيو. سندن زندگي جي اعليٰ ڪارنامن ۽ ڪاميابين جو راز انهي ۾ هو جو پاڻ علم ۽ عبادت، رشد ۽ هدايت، توڪل ۽ قناعت سخندانيءَ ۽ سخاوت، شاهي ۽ شجاعت وارين خاص وصفن سان سينگاريل هئا.

تعليم ۽ تربيت

سندن والد صاحب جن پاڻ عالم، عاشق ۽ عارف هئا، ۽ پنهنجي اڪيلي پياري صاحبزادي کي سندس عمر جي ٽين سال کان وٺي پهريان سبق پاڻ ڏنائون. پر صاحبزادي جي عمر اڃا چار سال ست مهينا کن هئي جو پير سائين ’اصغر‘ صاحب جن ١١. جمادي الاول ١٢٦٣ هجري ۾ وفات ڪئي ۽ ننڍڙو صاحبزادو حزب الله شاهه پنهنجي والد جو جاءِ نشين ٿيو نمبر پير پاڳارو ٿيو. والد جي شفقت ۽ تربيت ڪا ٻي شئي هئي، پر سندن چاچا حال حيات هئا ۽ جماعت به صاحبزادي ’پير پاڳاري‘ تان سر گھورڻ لاءِ تيار هئي. ”وڏو خليفا جيڪي علم وارا ۽ دانا هئا سي بحال حيات هئا، ۽ انهن پير سائين جن جي تعليم طرف توجهه ڪيو. نقيرن کان روايت آهي ته چان ڪي ٿورا ڏينهن گذريا هئا جو خليفي نبي بخش لغاري هڪ ڏينهن ڏٺو ته نوازبو ڪامي ۽ ڪي ٻيا نوڪر ٻلبلين ڦاسائڻ لاءِ پيا ننڍڙي صاحبزادي سان گڏ ڏيا ڏارائين. خليفي کين وڏي تنبيهه ڪئي، ۽ چيائين ته اي نمڪ حرامو! اوهان پير سائين کي ننڍڙو صاحبزادو سمجهي

پيا پا راڻي راند ڪرايو، پر هت پير پاڳاري ۾ اها مٽيا آهي جو جيڪي جيڙا هوندا سي ڏسندا. بس پوءِ درگاهه تي خليفي نبي بخش جي هوندي ئي پير سائين جن جي تعليم جو انتظام ٿيو. اها خدمت آخوند ميان محمد بخش عرف مُلا مَمُون جي سپرد ٿي. اهي آخوند اصل لاڙڪاڻي طرف جا هئا، پر پوءِ اچي درگاهه تي رهيا ۽ پير سائين پاڳارن سان سندن مخلصانه مريدي وارو تعلق ٿيو. جيڏهن پير سائين اصغر صاحب جن ڪجهه وقت لاءِ درگاهه تان درياهه پار هجرت ڪئي هئي ته به هي آخوند ساڻن گڏ هئا. باقاعدي روزانو پڙهائي جي سلسلي ۾ پير سائين جن جي چاچي ميان علي حيدر شاهه سندن خدمت ۾ ڪا ڪسر باقي ڪا نه ڇڏي. هو پنهنجي پائٽي تي عاشق هو، چيائين ته: مالڪ پنهنجي پڳ جو پاڻ آ، باقي وس آهر مان به حاضري ڏيندس[1].

بهرحال 'پير پاڳاري' جي حيثيت ۾ سندن پڙهائي جو سلسلو جاري رهيو. آخوند ميان محمد وٽ مڪتبي تعليم پوري ڪيائون ۽ ان بعد مولوي محمد عيسى ٽالپر شاهي کان وڌيڪ فارسي تعليم ورتائون، ۽ عمر جي پندرهن سالن تائين پڙهندا رهيا. ان بعد وڌيڪ مطالعو پنهنجو پاڻ ڪيائون ۽ پنهنجي خداداد ذهانت سان فارسي ۾ اعلى درجي جي صلاحيت پيدا ڪيائون. مسلسل مطالعي، عالمن، اديبن ۽ شاعرن سان صحبت سندن علمي ذوق کي انهيءَ درجي تي رسايو جو پاڻ پنهنجي دور ۾ فارسي جا اعلى

---

[1] سندن ڇهه چاچا هئا. عبدالقادر شاهه، علي محمد شاهه، شاهه مراد شاهه، غلام مصطفى شاهه، علي ذوالفقار شاهه ۽ علي حيدر شاهه. ميان علي حيدر شاهه پاڻ پنهنجي والد پير سائين تجر واري صاحب سائين صبغت الله شاهه کي پيارو هو، جو جڏهن پنهنجو سجاده نشين تي مقرر ڪيائون، تڏهن چيو هئائون ته "وڏو ڪريون ته عبدالقادر شاهه کي پيارو ڪريون ته علي حيدر شاهه کي، پر الاهي حڪم ۽ رضا علي گوهر شاهه (اصغر) لاءِ آهي. هو پير سائين جن سان سندن سڄي زندگي ۾ خدمت ۽ عقيدت سان رهيو ۽ وفات به ڪا نه پوءِ ڪيائين. سندن پيا چاچا سڀ گذاري ويا، پر ميان علي حيدر شاهه پير سائين جن سان زندگي جو وڏو عرصو گڏ گذاريو. وڏا چاچا ميان عبدالقادر شاهه، ميان علي محمد شاهه ۽ پيا به سندن حياتي واري دور ۾ پنهنجي پائٽي نينڍڙي پير پاڳاري سان هر حال همراه رهيا.

اديب ۽ شاعر ٿيا.

پاڻ عمر جي پنجين سال ۾ پنهنجي والد ماجد جا جاءِ نشين، حضرت روضي ڌڻي جي درگاه ۽ جماعت جا 'پير پاڳارا' ۽ تخت ۽ بخت جا مالڪ ٿيا. پير سائين روضي ڌڻي رحه پنجيتاليهن سالن کان به وڌيڪ عرصي تائين طريقت ۽ هدايت جي پالوٽ ڪئي هئي ۽ خلقِ خدا کي فيض ڏنو هو. باقي ڪانئن پوءِ سندن پڙپوٽو پير سائين حزب الله شاهه ٿي هو جيڪو پنجيتاليهن سالن جي وڏي عرصي تائين 'مسند نشين' ٿي رهيو ۽ جماعت به ڪين ادب ۽ پيار مان 'مسند ڌڻي' يا 'تخت ڌڻي' ڪري سڏيو. سندن سجادگي واري ايڏي ڊگهي عرصي ۾ وڏا ڪم ۽ ڪارناما ٿيا.

درگاه تي جاين جي تعمير

سندن والد پير سائين علي گوهر شاهه 'اصغر' موجوده درگاه کي وسايو هو ۽ پاڻ تيرهن سالن (١٢٥٠-١٢٦٣ھ) هت رهيا ۽ جايون تعمير ڪرايائون. ان بعد پير سائين حزب الله شاهه درگاه تي جاين جي تعمير کي وڌايو ۽ نهايت سهڻو ڪري وڏايو.

روضي جي تعمير

روضي واري پهرين عمارت ڏاڍي ننڍي هئي ۽ تڪڙ ۾ ٺهي هئي. پاڻ ان جاءِ تي بلند سونهري گنبذ سان ڪشادي ايراني وارو روضو تعمير ڪرايائون، جيڪو هن پوئين دور تائين قائم رهيو. البت سمت سبباڻ ان جي پيڙهه تي اثر پيو هو ۽ ديوارين ۾ ڦاٽ اچي ويا هئا، جنهن ڪري موجوده پير صاحب پاڳاري جناب شاهه مردان شاهه ثاني اڳين روضي جي جاءِ تي ديتر وڌيڪ شاندار روضو تعمير ڪرايو آهي، جنهن تي گذريل ويهن سالن کان وٺي ڪم هلي رهيو آهي.(١)

---

(١) موجوده پير صاحب پاڳاري جناب شاهه مردان شاهه ثاني اڳئين وک وڌائي، اڳين روضي جي جاءِ تي وڏو وسيع ۽ بلند نئون روضو تعمير ڪرايو آهي، جيڪو گذريل پنڌرهن ويهن سالن دوران جڙي راس ٿيو آهي. خطاطي جو ڪم ليان هلندڙ آهي ۽ هن وقت الهند ۾ ديوار سهڻي خطاطي ۽ نقش نگار سان سينگاري پئي.

جامع مسجد جي تعمير

سنڌ ۾ الهداري تعمير ڪرايل مسجد ننڍي ۾ عمارت سازي جي فن جي لحاظ سان ساڌي هئي. پير سائين حزب الله شاه ان جاءِ تي وڏي اهتمام سان موجوده جامع مسجد ٺهرائي، جنهن جي ڇت سهڻن ٿنڀن جي قطارن تي اڏي وئي، ۽ ڇت کي تروڙي اندران ٻاهران ديوارين کي سهڻي رنگين گلڪاري ۽ خطاطي جي نقش ونگار سان سينگاريو ويو. مسجد شريف جي ٿنڀن جي منجهين ۽ فرش لاءِ پاڻ جيسلمير جو پٿر گهرايائون جيڪو اُٺن تي آندو ويو[1].

حويليءَ ۽ صاحبزادن لاءِ جاين جي تعمير

مسجد شريف کان الهندي طرف، حويلين واري صحن کي ڪشادو ڪرايائون ۽ ان ۾ سهڻي سٽاءَ سان حويلي جون جايون تعمير ڪرايائون، ۽ چوڌاري سهڻي ديوار ڏيارايائون. انهيءَ اندرين حويلين واري ديوار سان ٻاهران اولهه طرف لڳولڳ پنهنجن صاحبزادن مان هر هڪ لاءِ جدا جدا جايون تعمير ڪرايائون جيڪي وچان دروازن ذريعي اندرين حويلي سان ڳنڍيل هيون. ايتري قدر جو وقت بوقت خود پاڻ ٻئي صاحبزادن کي سڏ ڪري وٺندا هئا.

شاندار بنگلي جي تعمير

مسجد شريف کان اڳيني اولهه طرف اندرئين صحن ۾ هڪ بنگلو ٺهرايائون، جيڪو فن تعمير جي سٽاءَ ۽ اندرين آرائش توڙي ٻاهرين رونق جي لحاظ سان لاجواب هو.[2] ان ۾ اندر تخت جي جاءِ ۽ پاڻي جو تلاءُ هئا ۽ ان جي هشت پهلو (آٺ ڪنڊي) بنياد تي آڏو ٻاهر تي نڪتل 'آغاسي' کي سهڻين ڪمانن سان دريون ۽ دروازا

---

[1] اهو پٿر منٺار فقير دروس جي نگراني هيٺ اٺن تي آندو ويو.

[2] هي بنگلو مستري غلام محمد ٺاهيو جيڪو ان وقت جو وڏو ڪاريگر رازو هو. بنگلي جو نقشو ۽ اندروني سٽاءُ خود پير صاحب جن جي پنهنجي فن تعمير سان لڳاءَ جو نتيجو هئا. مستري غلام محمد جو پوٽو (جنهنجو نالو به غلام محمد هو) چوندو هو ته سنڌ ڏاڍي ڪان ائين ٻڌائون ته پير صاحب طرفان کين مغليه طرز تعمير واري هدايت ملندي رهندي هئي.

هئا. هڪ طرف هن بنگلي جي تعمير سان پنهنجي شاهاڻي شان شوڪت کي دنيوي لحاظ سان (خاص طرح پنهنجي معاصر حڪمران مير علي مراد خان جي ڀيٽ ۾) قائم رکڻ ٿي چاهيائون، مگر ٻئي طرف سندن توڪل رضا ۽ تسليم وارين روحاني صفات به عروج کي پهتيون، جنهن ڪري هن بنگلي جي وڌيڪ تعمير ۽ آرائش جي سلسلي کي يڪدم بند ڪرايائون. روايت هن طرح آهي (١) ته بنگلي جو ٻاهريون سڄو ڪم راس ٿي ويو هو ۽ اندرئين آرائش ۽ سينگارتي ڪم هلندڙ هو ته جو سندن صحبت ۾ ايندڙ اهل الله ۽ عالمن مان ڪنهن کي وٺي وڃي بنگلو گهمايائون. بنگلي گهمڻ بعد درويش چيو ته: قبلا! جاءِ ته هر لحاظ سان شاندار ۽ وڏي زيب زينت واري آهي. پر مرت وقت هن عظيم محل جي حسرت شايد باقي رهجي! انهن لفظن جو پير صاحب جن تي اهڙو ته اثر ٿيو جو بنگلي تان سندن نظر کڄي ويئي ۽ ان وقت ئي ڪاريگرن کي ڪم روڪڻ جو حڪم ڏنائون. ان وقت گچ جي هڪ ڀريل تغاري به بنا استعمال جي اتي رهجي ويئي ۽ عبرت خاطر پاڻ اها اتي ئي رهڻ ڏنائون جيڪا پوءِ سندن فرزند پيرسائين محافي ڌڻي ۽ پيرسائين ڪرت ڌڻي جي سجادگي واري دور تائين جيئن جو تيئن اتي ئي پئي هئي. هي اهو ساڳيو بنگلو هو، جنهن جي ڀيٽ ۾ سورهيه بادشاه 'صبغت الله شاه' ڪيتي جي لانڍين لوڙهن کي ترجيح ڏني. هيءُ ساڳيو بنگلو هو جنهن تي انگريزن بما چلايا پر ڀتيون ئي پچايائون باقي دليون ۽ همتون قائم دائم رهيون. اهي پيرسائين 'تخت واري' کان وٺي بنگلي جي بندڪان آزاد رهيون هيون جنهن ڪري انگريزن سان وڙهندي آخر وقت تائين مقابلا ڪندا رهيا. هي موجوده بنگلو ساڳين آثارن تي تعمير ڪيو ويو آهي، مگر اڌ حصي تي پيرسائين تخت ڌڻي وارو بنگلو وارن ڪان بيٺو هيو.

جماعت کي تلقين ۽ جماعت جي تنظيم

پيرسائين حزب الله شاه جن جي سجاده نشيني جو دور پنجيتاليهن سالن کان جي وڏي مدت تائين قائم رهيو، جنهن ۾ جماعت کي توحيد ۽ توڪل، شرعي اطاعت ۽ دين

---

(١) اها روايت سندن فرزند پير علي اصغر شاه صاحب ميان نجي الله شاه راشدي (ويٺل وگڻ، ضلعو لاڙڪاڻو) ۽ منشي محمد پريل (پيرسائين سورهيه بادشاه ۽ موجوده پير صاحب پاڳاري جو خاص منشي) جي تصديق سان بيان ڪئي آهي.

جي خدمت جي تلقين ڪيا ٿون. جامع مسجد جڏهن جڙي راس ٿي ته ڪٿر خود پاڻ اچي نماز پڙهائيندا
هئا. نوئي ارادتمندن کي اهڙي ته توجه سان ”ذڪر“ جي تلقين ڪندا هئا، جو انهن تي سندن صحبت
جي جلوي ۽ ذڪر جي فيض جو اثر حياتيءَ تائين باقي رهندو هو. ۽ اهي الاهي عشق جي نشي ۾ سرشار
رهندا هئا. جڏهن پاڻ بنگلي واري آغاسي (٢) مان عام زيارت ڪرائيندا هئا ته ڪيترائي نتير بيهوش
ٿي ويندا هئا، جن کي بروقت ڪٽي وجهي پاهر هوش ۾ آڻيندا هئا. ڪي فقير جن ڪانئن ذڪر ورتو ۽
جيڪي هن پوئين ويجهي دور تائين جيئرا هئا، تن تي سندن روحانيت جو اهڙو ڪو سِڪ ۽ چڪ
وار واثر ويٺل هو، جو جڏهن هي فقير پنهنجي مرشد مربي جي ڳالهه ڪندا هئا ته بي اختيار سندن ياد
۾ روئي ڏيندا هئا. ڪنهن خاص هڪ جونه پير جن به ڪانئن ذڪر ورتو، تن سيني جو اهو حال
هو. پير سائين سورهيه شهيد جن فرمائيندا هئا ته: ”جن اکين پير سائين تخت واري صاحب جي
زيارت ڪئي هئي، مان انهن اکين ڏسڻ لاءِ مشتاق آهيان.“ سندن فيض ۽ هدايت جي اهڙي الاهي
اثر ۽ سندن ديدار جي لذت، سون بلڪ هزارن نون ارادتمندن کي جماعت جي دائري ۾ داخل ڪيو.

الف: جماعت ۾ واڌارو

جماعت جي پوئواري ۽ تلقين لاءِ سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر جا سفر
ڪيا ٿون، ۽ جتي ڪٿي پنهنجي فيض سان ٿولن جا ٿولا مريد
ڪيا ٿون ۽ جماعت کي وڌايا ٿون. سنڌ ۾ ”نارو چوڪي“ سندن سفر جي برڪت سان مريد ٿي ۽ جيسلمير
جو وڏو حصو به سندن سفر فيض اثر سببان جماعت ۾ داخل ٿيو. جيسلمير واري سفر ۾ پاڻ جنهن
وقت جيسلمير ۾ منزل ڪيا ٿون، تنهن وقت اتي ڀاٽي جي ڪوٽ هئي. شهر جي ڳري سر تلاءَ ۾ به

---

٢ آغاسي يعني ڏکڻ طرفان بنگلي جو هڪ گول گنبذ نما پاسو جنهن جي مٿين ڪمري جي وچ تي دري هوندي هئي.

ان سال پاڻي ٿورڙو هو. پير صاحب جن سان جماعت گهڻي هئي، انهيءَ ڪري راڄ جي دارن تلاءُ مان آلجال پاڻي ڪڍڻ تي بندش وڌي، پاڻ نماز پڙهائي الله جي درگاهه ۾ رحمت لاءِ هٿ ٻڌايائون ۽ دعا گهرايائون. پوءِ انهي ڏينهن ئي وڏو مينهن وٺو جو تلاءُ پر جي ويو. هن بي مند اُتي برسات جو ڪرشمو ڏسي، جيسلمير جو راجا ٻيري سال ساڻن اچي مليو ۽ هميشه لاءِ سندن معتقد ٿيو. ارادت ۽ عقيدت وارو اهو سلسلو پوءِ سندس اولاد پڻ پير صاحب جن جي درگاهه سان قائم رکيو. پاڻ بمبئيءَ ڏانهن پڻ سفر ڪيا ئون، ۽ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ خليفي نبي بخش جي تبليغ سان جيڪي درگاهه جا مريد ٿيا هئا، تن ۾ وڌو واڌارو ٿيو.

ب:- **جماعت جي تنظيم** سندن فيض سان جماعت ايتري وڌي جو پاڻ پوءِ اري خاطر سڄي جماعت کي هيٺين ٻارهن چوڪين ۾ منظم ڪيائون. پير سائين جن جي حڪم موجب جامع مسجد جي پيش امام مولوي عبدالقادر سونگي چوڪين ناهڻ ۾ وڏي خدمت سرانجام ڏني.

1: چوڪي ڪاهڙڪي: تعلقو نارو، رياست (هاڻي ضلعو) خيرپور

2:- چوڪي ڪاوڙ (ڪاهڙ) تعلقو ڇاڇرو، ضلعو ٿرپارڪر

3:- چوڪي ڪليان: اصل ۾ ترڪلان ' ڪاوڙ جي حدن ۾ جيڪو هتان جي خليفي جو هو، تنهن تان چوڪي تي نالو پيو- راهموڪي بازار ڪات وٽ ڇاڇري جي اوڀر طرف 'ماٽڙي' جي ترڙ تائين؛ يعني تعلقو ڏيپلو، تعلقو مٺي، تعلقي ننگر پارڪر جو ڪجهه حصو ۽ ڇاڇري جا ڏهه تعلقي ٽنڊي باگي (هاڻي ضلعو بدين) جو ڪجهه پاڳو.

4:- چوڪي شهدادپور: تعلقو شهدادپور ۽ تعلقو سنجهورو (ضلعو سانگهڙ) ۽ پڻ خيرپور رياست جو ڪجهه حصو.

5:- چوڪي ڪِتو (خطو) ۽ نواب شاهه تعلقو، نوشهرو تعلقو، مورو تعلقو، سڪرنڊ تعلقو

(ضلعو نواب شاه) ۾ هالا تعلقو (ضلعو حيدرآباد).

٦: چوڪي لاڙ: ضلعي ٺٽ پارڪر جو الهنديون پاڳو تعلقو عمرڪوٽ، تعلقو ٽنڊو الهيار (ضلعو حيدرآباد) ۾ ضلعو بدين.

٧: چوڪي گمڙهه: روهڙي، پنوعاقل، گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلو ۾ اباوڙو تعلقا (ضلعو سکر) ۾ اڳين بهاولپور رياست جو ڪجهه پاڳو.

٨: چوڪي پار (درياءَ جو پار) درياءَ جي الهندين طرف واري سڄي ايراضي (ضلعو سکر، ضلعو شڪارپور، ضلعو جيڪب آباد، ضلعو لاڙڪاڻو ۾ ضلعو دادو)

٩: چوڪي جيسلمير: اڳوڻي رياست جيسلمير ۾ جودپور جي حدن واري جماعت.

١٠: چوڪي اڇڙو ٿر: سانگهڙ تعلقي جو ٿر وارو پاسو، کپري تعلقي جو ٽپو راٺاهو، ۾ خيرپور جو تعلقو نارو جبو.

١١: چوڪي نارو: ناري جا ٻئي پاسا، تعلقو عمرڪوٽ، تعلقو سانگهڙ، تعلقو کپرو ۾ ضلعي نواب شاهه جا ريل.

١٢: چوڪي بان: تعلقو ميرپور، تعلقو سامارو ۾ تعلقي کپري جو ڏکڻ اولهه.

اهي چوڪيون جڻ 'جماعت جون جدا جدا سنگتون' هيون، جن مان ڪن جي ٿوري گهڻي تشڪيل اڳ ئي چڪي هئي: يعني حضرت روضي ڌڻي جي ڪن خليفن، يا ان بعد جدا جدا اين تسي جماعت جي مختلف اڳواڻ نثيرن ۾ سندن سائين پاڻ ۾ گڏجي پنهنجي محبت ۾ رفاقت جا سنگ ناهيا هئا ته جيئن هو مرشد جي حاضري، درگاه جي خدمت ۾ سفر وقت پير سائين جن جي دعوت جو پاڻ ۾ گڏجي سهڻو انتظام ڪري سگهن - جماعت جڏهن گهڻو وڌي ويئي، ته انهن 'چوڪين' جي تنظيم ڪنهن حد تائين متصل علائقن ۾ اراضين مطابق ٿي، پر ان هوندي به هر چوڪي ۾ شامل جماعت جو بنياد ڏيدار رمدار صحبت ۾ سنگت تي رهيو - اهڙي طرح اڄ تائين ڪو فقير گهرڻ جي

لحاظ سان ڪنهن هڪ چوڪيءَ جي علائقي ۾ ايراضي ۾ رهندڙ آهي، مگر هو به ڪنهن چوڪيءَ ۾ شامل آهي. چاڪاڻ جو سنگت جي لحاظ سان هو اتي جي فقيرن يا اتي جي ’مُک‘ يعني اڳواڻ فقيرن سان لاڳاپيل آهي. پير سائين حزب الله شاهه جن چوڪين جا تڪ منظور ڪيا. سنڌ دور ۾ ’نارو‘ ۽ جيسلمير واريون ٻه چوڪيون وڌيون. اهڙيءَ طرح ٻارهن چوڪيون ٿيون جن مان هڪ مهيني لاءِ درگاهه جي سنڀال هر هڪ پنهنجي ذمي ڪئي. محرم مهيني ۾ سنڀال ’چوڪيءَ گاهڪيءَ‘ جي ذمي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح سلسليوار حج جي مهيني جي سنڀال ’چوڪي بان‘ جي حوالي ٿي. اهو سلسلو اڄ تائين ائين ئي قائم آهي.

فرق جماعت جو بنياد پوڻ

پير سائين تخت واري صاحب جي دور ۾ سنڌ توڙي هند ۾ جماعت جي تعداد ۾ وڌو واڌارو ٿيو ۽ انهيءَ سان گڏ چوڪين ذريعي سڄي جماعت جي تنظيم ٿي. اهي سڀئي وڏيون ڳالهيون هيون، پر اجهان به هڪ ٻي وڏي ڳالهه ٿي، جيڪا اندروني طور جماعت ۾ هڪ انقلابي تحريڪ جي برابر هئي. اها هئي ’هُرُن‘ جو هن دور ۾ ’فرق‘ سلسلي جو بنياد پيو، جنهن جو درگاهه ۽ جماعت جي ايندڙ تاريخ تي وڏو اثر پيو ۽ انهيءَ ڪري هن تحريڪ کي ذرا تفصيل سان بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي.[1]

هن تحريڪ جو بنيادي اصول اهو هوته جيئن الله هڪ آهي جنهن کي سجدو ڪجي ٿو، ۽ آخرنبي ۽ رسول (صلعم) به هڪ ئي آهي جنهن جي شريعت تي هلجي ٿو، تئين مرشد به هڪ ئي آهي، جنهن کي سلام ڪبو ۽ جنهن تان سر گهوري قربان ڪبو. انهيءَ اصول کي مرشد سان محبت ۽ صداقت توڙي مرشد لاءِ قرباني واري جذبي هيٺ، پهريائين خليفي نبي بخش لغاري بيان ڪيو ۽ سمجهايو

---

[1] هن تحريڪ جي شروعات تي مختصر طور خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي (ڇاپيل سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٦ع) جي مقدمي ۾ روشني وڌي وئي آهي.

۽ پڻ ان کي عملي جامو پهرايو. سندس وفات کان پوءِ سندس پوٽي غلام نبي لغاريءَ انهيءَ اصول کي عملي طور وڌائي سرويچ فقيرن جي هڪ سنگت تيار ڪئي جن کي ’فرق رکڻ‘ يعني ”فرق جي اصولن تي عملي طور هلڻ“ جو سبق سيکاريو. هي ننڍو انقلابي ٽولو پوءِ تعداد ۾ وڌيو، ۽ هنن تي ”فرق وارا“ يا ”فرق جماعت“ جو نالو پيو، باقي ٻي جماعت کي ”سالم جماعت“ سڏيو ويو.

هي سلسلو انهيءَ ڪري شروع ٿيو جو پنهنجي والد جي اڪيلي فرزند هئڻ جي حيثيت ۾ ننڍڙو صاحبزادو حزب الله شاهه پڳ ٻڌي ’پير پاڳارو‘ ٿيو هو. سندن عمر پنجن سالن کان به گهٽ هئي ان کان اڳ مير علي مراد خيرپور رياست جو والي ٿيو هو، ۽ هو پنهنجي حد ۾ پير پاڳاري جي وڌندڙ طاقت کي سهي نه سگهيو. خطرو هو ته ڪنهن به وقت رياست جي حڪومت طرفان ننڍڙي ’پير پاڳاري‘ کي نقصان پهچي. ان کان اڳ سندن والد پير سائين ’بنگلي ڌڻي‘ (علي گوهر شاهه، اصغر) کي تڪليف پهچي هئي جو پاڻ لڏي ويا هئا، ان بعد جواني ۾ سندن اوچتو وفات ٿي، جو ڪين زهر ڏياريو ويو هو. اهڙو حادثو پنهنجن ريجهن اعتبار وارن (عزيزن يا خادمن) ماڻهن جي واسطي کان سواءِ عمل ۾ اچي نٿي سگهيو. انهيءَ ڪري سجاده نشين ’پير پاڳاري‘ جي سلامتي لاءِ هر قدم کڻڻ ۽ قرباني ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو. ٻاهرين مخالفت کان سواءِ ’پير پاڳاري‘ جي صغيرسني سببان اندروني طور جدا جدا طرفن کان حجت وڌڻ لڳي. پنهنجي خاندان مان پير سائين جن جا چاچا حال حيات هئا، جيڪي پاڻ لائق ۽ داناءَ هئا، ۽ هنن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي مخلصانه راءِ ۽ دانشمندي موجب ائين ئي چاهيو ته ننڍڙي پيرصاحب کي ڪيئن هلڻ گهرجي ۽ درگاهه جو انتظام ڪهڙي ريت هجي. فقط هڪ چاچو علي حيدر شاهه هو جيڪو جڏهن پير صاحب تي عاشق هو ۽ هن ڪا به حجت ڪانه ڪئي رکي. چاچن جو اولاد هو ۽ ساڳيءَ خاندان جا ٻيا به صاحبزادا هئا. جماعت ’پير پاڳاره‘ جي خاندان جي سيني فردن جو ادب ڪندي هئي، پر ها ڳي جيئن ته پير سائين حزب الله شاهه پاڻ صغير هو، انهيءَ ڪري سندس ”پير پاڳاري“ واري اعلي حيثيت کي قائم رکڻ لاءِ اهو ضروري

ڇا تو ويو ته ڪيس خاندان جي ٻين سيني پاٽ ٻن جي پيٽ ۾ منفي دٻو ممتاز ڪري مجبور ڪري. انهيءَ لحاظ سان اهو اصول قائم ٿيو ته ٻين صاحبن جي عزت ڪبي پر سلام رڳو 'پير پاڳاري' کي ڪبو' ۽ مُرشد کي ٻين سيني کان مٿي ڪري ڄاڻبو. هي حجت خورڪن وڏن خليفن طرفان ٿي' جن پاڻيو ته ننڍڙي پير صاحب کي يادرگاه جي نظام کي ڪيئن هلائي جي هنن کي درگاه تي ڪٿون ۽ خاص ماڻهون ملڻ لڳيون. ٿئين طرفان پيرسائين جن کي ننڍ ڏسي ڪن وڏن خادمن ۽ ڪامين (نوڪرن) کي حجت ٿي ۽ جيڪي خود خيال ٿي هلڻ لڳا. خليفي نبي بخش ۽ سندس همخيال فقيرن انهن حالتن کي ڏسي چيو ته: پيرسائين جي خاندان وارن سيني جا ادب ڪبو پر 'پير پاڳارو' هڪ ئي آهي جيڪو مڙني کان مٿي آهي ۽ جنهن جي عزت' عظمت ۽ ذاتي سلامتي تان سر گهوري قربان ڪرڻو آهي. پيو ته درگاه تي سڀ مريد هڪ جهڙا آهن. پوءِ پل ڪٿي ڪي وڏا خليفا هجن، انهيءَ ڪري سيني کي خدا جي فرش تي ويهڻو ۽ سمهڻو آهي ۽ درگاه جو عام لنگر کائڻو آهي. انهن اصولن کي قائم رکڻ لاءِ 'پير پاڳاري' ۽ درگاه جي حفاظت خاطر جماعت جي چوڪي مقرر ڪيائون. درگاه جي صحن ۾ جيڪي ڪٿون ڪتو لاهيائسي خليفي نبي بخش ڪٽائي ٻاهر ڪڍي پجائي سا ڙائي ڇڏيا.

خليفو صاحب ان وقت وڏي عمر جو هو. سندس پوٽو غلام نبي جيڪو وڏو ذهين هو ۽ ساڻس گڏ هو، تنهن تي خليفي صاحب جي انهن ڳالهين جو وڏو اثر ٿيو. هو پيرسائين جن کان ٿي سال وڏو رهو، ۽ جيئن وقت گذرندو ويو ته غلام نبي پيرسائين جن جي خدمت ۾ وڌيڪ رهڻ لڳو. خليفي نبي بخش سنه ١٢٨٠هه ڌاري وفات ڪئي. ان وقت پيرسائين جن پاڻ ويهه ورهين جا جوان بخت 'پير پاڳارا' هئا. جيئن ئي پاڻ وڏا ٿيا ته وڏي دانائي سان درگاه کي سنڀالڻ لڳا. جڏهن جماعت جي ڏانهن رجوعات ٿي ته رياست جي والي مير علي مراد ۽ ڪن ٻين اثر رسوخ وارن جي ساڻن مخالفت شروع ٿي.

فقير غلام نبي نهايت ذهين ۽ ڏاڍي حوصلي وارو هو. پنهنجي علمي قابليت ۽ دانائيءَ سان گڏ هو انقلابي خيالات رکندڙ هو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هو هڪ سچو سرويچ، عاشق، مريد ۽ پتنگ پروانو هو، جنهن جي دل ۾ ڪا ڳالهه هئي ته اها هئي ته مرشد جو شان اعليٰ هجي ۽ پير صاحب پاڳاري جو وار به ونگو نه ٿئي. اهو سوچيندي هن پنهنجي ڏاڏي خليفي نبي بخش واري اعلان ۽ اصولن جو تفسير ۽ تعبير ڪري، پنهنجي هڪ خاص سنگت ناهي، جنهن جو بنياد هن ڪن خاص اصولن تي رکيو: جيئن ته:

١:- خدا هڪ ۽ رسول هڪ آهي، تئين مرشد به هڪ ئي آهي. خدا ۽ رسول کان پوءِ مرشد سڀني کان مٿي آهي. سچي مريد جي ارادت ۽ عقيدت فقط هڪ مرشد سان ٿئي ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ۾ "مرشد" ۽ ٻين (غير مرشد) جي وچ ۾ فرق ڪرڻ لازمي آهي: پوءِ اهو ڀلي ڪٿي مرشد جو ويجهي ۾ ويجهو عزيز، پنهنجو قومي سردار، وقت جو حاڪم يا ڪو ٻيو وڏي ۾ وڏو ماڻهو هجي.

٢:- مرشد جي عزت ۽ عظمت ۽ درگاهه جي شان ۽ شوڪت جي حفاظت جي ذميواري جماعت تي آهي. انهيءَ لاءِ مرشد جي چوڻ يا مرشد کان پڇڻ جي ضرورت ڪانهي. وقت سر اهو فيصلو سچن سرويچن مريدن کي ڪرڻو آهي ۽ هر قرباني ڏيئي ان تي قائم رهڻو آهي.

٣:- مرشد جو دشمن سو جماعت جو دشمن آهي، ۽ دشمن خلاف قدم کڻڻ جائز آهي. اهڙي قدم کڻندي جيڪڏهن مرشد ڀلي ۽ ناراض ٿئي ته اها سندس ڀلي ۽ ناراضگي چڻ عين رضا آهي: انهيءَ ۾ مرشد طرفان سخت ۾ سخت سزا سهڻ سچي سرويچ مريد لاءِ عين رحمت آهي.

٤.- مرشد کان پوءِ سچن سرويچ مريدن لاءِ پنهنجي فرق واري سنگت جي مک کي محڪوم آهي ۽ ان کي بين سيني کان مٿي ڪري سمجهڻو آهي.

٥.- پاڻ کي قرباني لاءِ هر وقت تيار رکڻ ۽ وقت تي سر گهوري قربان ڪرڻ لاءِ غيرت ۽ پرهيز ضروري آهي. ”فرق سنگت“ وارا پنهنجي سنگت وارن ۽ ٻين طريقي وارن ۾ فرق ڪن ٿا. پنهنجي سنگت وارن سان ٿي اٿن ويهن، کائن پيئن ۽ هٿ هٿ ۾ ڏين. انهن کان الهين ۾ ٻين کان پاسو ڪن، جو ته ٻين ٻاهرين سان اهڙي حجت ۽ گهرائي، راز کولينديءَ سنگت کي هيٺ ڪندي.

بهرحال غلام نبي فقير جي هن نئين ”حر تحريڪ“ جو مقصد هو غيرت، پرهيز ۽ قرباني هر وقت ميدان ۾ مچي ٻيهڻ ۽ سر ڏيڻ، مراد کي چڏڻ ۽ نامرادي ٻولڻ. فقير مرشد جي شان ۾ هڪ مدح چئي جنهن ۾ حر تحريڪ، جا ڪي اصول بيان ڪري ڇڏيا ٿس، چيائين ته:-

مچي ميدان ۾ بيهه تون
پاڻي جان رت جگر پيءُ تون
حسيني حال ۾ ٿيءُ تون

نشوونامرادي جو، قطع ڪر ڪامگاري کي
هزارين رحمتون هر دم لکياري جون لغاري تي

جتي مردن سند اميرا
ڪرن خونيون ڪنا ڪيرا
اتي پيئو نه ٿيا پيرا

ڪيائين سر اچي سائو، رکن هر دم هشياري کي
هزارين رحمتون هر دم لکياري جون لغاري تي

مرڻ جي ديد جي مُرڪيا
ڪسڻ ۾ ڪينڪي ڪُرڪيا
خداسي حيدري حُرڪيا

پسند پرين ڪيو آهي تني جي جان نثاري کي
هزارين رحمتون هر دم ڪياري جي نغاري تي

بهرحال نقير غلام نبي انهن اصولن تي فرق جو بنياد وڌو ۽ ڇهن جو نالو ترو ارڪيو. جن اهي اصول قبول ڪيا ۽ سندس سنگت ۾ آيا، تن کيس هن نئين طريقي جو مُک' ڪري مڃيو. ۽ هو فرق وارا سڏجڻ لڳا. باقي ٻي گهٽي عام جماعت هن ڳالهه تي بيني ته مرشد جي چوڻ يا ڪانئس پڇڻ کان سواءِ ڪو به قدم کڻڻ جائز ڪونهي، ۽ جنهن ڳالهه کان مرشد منع ڪري، ان تي عمل نه ڪرڻ مرشد جي نافرماني جي برابر آهي ۽ اهو ناجائز آهي. اها جماعت جنهن جي گهڻائي هئي سا "سالم" سڏجڻ لڳي.

پير صاحب جن انهيءَ ڪري جماعت جي تنظيم ڪندي بارهن نئين چونڪيون 'سالم جماعت' جون مقرر ڪيون ۽ انهن چونڪين جا خليفا ۽ مک به سالم جماعت مان چونڊيا. پير صاحب جن غلام نبي کي 'فرق' قائم ڪرڻ کان منع ڪئي. نقير دعا گهري ته ڪنهن طرح اها منع معاف ٿئي. هڪ ڀيري پير سائين جن نقيرن کي نصيحت ۽ هدايت ڪندي "قُلْ هُوَ اللّٰهُ" سورة جو تفسير ڪندي توحيد جي معنيٰ سمجهائي ته: الله واحد هڪ آهي ۽ سندس ڪو به ثاني شريڪ ڪونهي. تنهن تي غلام نبي جي سنگت وارو هڪ فقير، جو اُتي حاضر هئو، تنهن عرض ڪيو ته "قبلا، پوءِ مرشد به هڪ" ! پاڻ چيائون ته: "فقير هائو، مرشد به هڪ !" فقير غلام نبي جڏهن اهو ٻڌو، تڏهن چيائين: "شڪر اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ" منع معاف ٿي وئي."

نقير غلام نبي جي اڳواڻي هيٺ پوءِ 'فرق وارن' پهريون پير ۽ پير صاحب پاڳاري جي مخالفن مان خاص طرح مير علي مراد ۽ انگريزن جي ٻين حامين خلاف ڪارروايون شروع

ڪيون، ۽ پير صاحب جن جي منع هوندي به مڙس نه مڙيا، ۽ پنهنجي طريقي جي اصولن تي پڪا ٿي بيٺا. پير صاحب جن انهن تي ناراض رهيا.[1]

پران ناراضگي کي رضا ڪري سمجهيائون، پنهنجي نامرادي کي مراد جو پورو هئڻ ڪري سمجهيائون ۽ پنهنجو سر گهوري قربان ڪرڻ کي عين حياتي ڪري ڄاتائون.

پير صاحب جن 'فرق طريقي وارن' کي درگاه تان لوڏايو، پر هي سر ويچ پنهنجي عشق ۽ جنون ۾ مست رهيا ۽ پنهنجي ڳالهه تان نه هٽيا. سيد سليمان شاهه اهڙن لوڏايلن مان هو. پير صاحب جن مٿس مهربان هئا، پر سليمان شاهه فقير غلام نبي جي سنگت ۾ آيو ته 'فرق طريقو' اختيار ڪيائين، جنهن تي پير صاحب مٿس ڏمريو ۽ کيس درگاه تي اچڻ کان منع ڪيائين. سليمان شاهه مرشد جي انهي لوڏائڻ تان قربان ٿيو ۽ مرشد جي سڪ ۾ رچي لال ٿيو. انهيءَ سڪ ۾ هيءُ ڪافي چيائين ته:

"ڏس ڪر ڏاڻ، جنهن سان توکي پرچايان"

---

[1] پير صاحب جن جو فقير غلام نبي تي وڏو راض هو، پر جڏهن ڏٺائون ته جماعت ۾ هن پنهنجو جدا 'فرق' ناهيو آهي. تڏهن کيس درگاه تي اچڻ کان منع ڪيائون ۽ چيائون ته "اهڙي رتي اتئي جو دوزخ ۾ ويندين". فقير پاڻهون پڌي چيو ته "صدقي وڃان جيڪا تنهنجي رضا." فقير مرشد جي عزت ۽ عظمت جي حفاظت خاطر 'فرق طريقي' جو بنياد وڌو ۽ پنهنجي رٿ پوري ڪئي پوءِ مرشد جي مخالفن خلاف ڪارروائين جي نتيجي ۾ فقير غلام نبي روپوش ٿيو ۽ ست سال مڪي ۽ مديني شريف ۾ رهيو. اتي جڏهن معلوم ٿيس ته حج جي موقعي تي جيڪو عرفات ۾ ويندو يا جيڪو 'جنت البقيع' ۾ دفن ٿيندو، تنهن تان دوزخ معاف آهي. تڏهن فقير حج وارن موقعن تي عرفات ۾ نه ويو ته متان الله جي رضا سببان مرشد جي رضا (ته دوزخ ۾ ويندين) پوري نه ٿئي. پڻ اها وصيت ڪيائين ته جيڪڏهن آءٌ هت مران ته مون کي 'جنت البقيع' ۾ نه رکجو.

ميرصاحب علي مراد طرفان مخالفت ۽ پيرصاحب جي عزت ۽ عظمت ڀرواداري

پير سائين حزب الله شاه اڃا ڏهين ڪن مهينن جو ٻار هو، جو انگريزن سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪيو. پاڻ جڏهن گادي نشين ٿيا ته پوءِ ڇٽيهه سال کن ۾ سڄي سنڌ تي انگريزن جي حڪمراني قائم ٿي چڪي هئي. مير علي مراد انگريزن جو ساٿ ڏنو ۽ انهيءَ جي عوض ۾ انگريزن ماتحت هڪ ننڍي رياست خيرپور جو مالڪ ٿيو. انگريزن جي ڏبدبي ڪري ڏسي ميرصاحب به پنهنجي رياست ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمائڻ لڳو، پر انگريزن جي طرفداريءَ سبب ان ڏينهن جا ماڻهو مير علي مراد جي حڪمراني مان راضي نه هئا. سجاده نشين پير پاڳارا پنهنجي ديني حميت ۽ غيرت سان گڏ سياسي بصيرت جا مالڪ هئا. سنڌ ۽ هند ۾ غير مسلم طاقتن جي وڌندڙ غلبي ۽ قبضي جي خلاف هو جهاد ۽ جنگ جا حامي هئا. (پيرصاحب صبغت الله شاه اوّل، سيد احمد شهيد جي جهاد جي پوري پوري پٺڀرائي ڪئي هئي) هينئر هت سنڌ ۾ انگريزن جي زوري قبضي سبب ان ملڪ جي هڪ آزاد مسلمان رياست جو خاتمو ٿي رهيو هو، ۽ فقط مير علي مراد کي ئي انگريزن پنهنجي دوست جي حيثيت ۾ خيرپور رياست جو والي بنائي گادي تي ويهاريو هو.

پير پاڳارا سنڌ تي انگريزن جي قبضي توڙي انگريزن جي خيرخواه مير علي مراد جي رياست واري حڪمرانيءَ جي حق ۾ نه هئا. انهيءَ ڪري حڪمران طبقو انهن جا حامي به سندن مخالف ٿي بيٺا. اها مخالفت پير سائين حزب الله شاه کي ورثي ۾ ملي، پر نوجواني کان وٺي سندن شخصيت ۾ بهادري، بي پرواهي، توڪل، تدبر ۽ استغنا جا اهي جوهر نمودار ٿيا، جو باوجود حڪومت ۽ طاقت جي نڪي مير صاحب کين ماتحت رکي سگهيو ته نڪي وري ٻيو ڪو ساڻن ڪُر ساهي سگهيو. تنهن هوندي به مير صاحب جي مخالفت ۽ ان جو مردانگيءَ سان مقابلو، پير صاحب جن جي زندگيءَ جو هڪ اهم مسئلو بڻجي ويو.

مير علي مراد به دور انديش ۽ دانا هو، پر انگريزن جي سياست جو رُخ انهيءَ طرف هو ته مير صاحب ۽ پير پاڳارا جو پاڻ ۾ اختلاف رهي. هڪ طرف انساني ڪمزوريءَ سبب مير صاحب پنهنجي رياست

۽ حڪومت ۾ ٻئي ڪنهن کي پنهنجو مَٽ ۽ ثاني ڏسڻ نه ٿي گهريو ته ٻئي طرف پير سائين حزب الله شاهؒ پنهنجي شخصيت جي جلوه جمال ۽ پنهنجي قرب ۽ قلندرانه سيرت جي ڪمال سان ماڻهو موهي ورتا هئا ۽ سندن شان شوڪت ڏينهون ڏينهن اوج ۽ عروج کي پهچڻ لڳو. مير صاحب جي ميري ۽ حڪمراني رعيت تي هئي، پر پير صاحب جن جي پيري دلين تي هئي. جيتوڻيڪ پير صاحب جن جي طبع فطري طور تواضع، فقيري ۽ قلندري ڏانهن مائل هئي، مگر مير صاحب جي حاڪمانه دٻدٻي ۽ شان شوڪت جي مقابلي ۾ پير صاحب جن به ظاهري اميري جا اسباب گڏ ڪيا. مير صاحب جي محل جي پيٽ ۾ پير صاحب جن پنهنجو محل نما بنگلو تعمير ڪرايو. مير صاحب پنهنجي دربار ۾ تخت نشين ٿي ته پير صاحب جن به بنگلي ۾ تخت قائم ڪري تخت نشين ٿيا. انهيءَ ڪري ئي جماعت ۾ 'تخت ڌڻي' يا 'مسند ڌڻي' جي لقب سان مشهور ٿيا. مير صاحب شاهانه زرنيدار لباس ڍڪي، سر تي اڳين حڪمران ميرن صاحبن واري ٽوپي پائي، ته پير صاحب جن به اعلىٰ قسم جو زرنيدار چوغو ۽ 'ڪلنگي' تاج زيب تن ڪيا.

مير صاحب پالڪيءَ سان هاٿي گهرايو ۽ سواري ڪئي ته پير صاحب جن به 'هاٿي' رکيو ۽ هاٿي تي سواري ڪئي. مير صاحب هڪ خاص ڏولي ٺهرائي ان ۾ چڙهيو ته پير صاحب جن به 'محفو' تيار ڪرائي ان ۾ چڙهيا[1]. مير صاحب شڪار تي شوق رکيو ۽ شڪار لاءِ وڏا انتظام رکيا ته پير صاحب جن به شڪار جا اهتمام ڪيا ۽ تيراندازي ۽ بندوق بازي ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي ۽ مير صاحب جا مد مقابل ٿي بيٺا. اهي سڀ اهتمام هڪ ظاهرداري زوراوري امير سان ظاهرداري ۽ اميري جي ميدان ۾ مقابلي خاطر هئا. پير صاحب جن جن ئي عاقل بالغ ٿيا ته پنهنجي بلند حوصلي ۽ حڪمت عملي سان، مير صاحب سان شاهاڻو مقابلو ڪيائون ايتري قدر جو باوجود هر حيلي ۽ ڪوشش جي مير صاحب ڪي مٿن فوقيت حاصل نه ٿي سگهي.

---

[1] روايت آهي ته ڪيهر ن جي خاندان مان سندن ڪنهن معتقد مريد محافو پيش ڪيو هو.

شروع معاملو شڪار تان ٿيو. پير صاحب جن جي همت ۽ حوصلي کي آزمائڻ ۽ پرکڻ خاطر مير صاحب ڪيترين ئي نيون (پير صاحب جن جي درگاه کي ويجهيون) راضيون پنهنجي شڪار لاءِ مخصوص ڪيون ۽ اتي 'اوديون' ٺهرائي حڪم ڪيو ته اتي ڪو به ٻيو شڪار نه ڪري. اهڙا ڪئين حاڪمانه بندش هئي ۽ جيڪا نيپوءَ جي اڳين مير صاحبن جي رت ۾ ڪانه هئي. پير صاحب جن انهيءَ بندش جي ڪا پرواه ڪانه ڪئي ۽ شڪار ڪرڻ لڳا. هڪ ڏينهن هڪ شڪارگاه ۾ پير صاحب جن اچڻ وارا هئا جو مير صاحب جو خاص ماڻهو سرڪاري طور اڳواٽ پهتو ۽ فقيرن کي سختي سان منع ڪيائين ۽ پڙ ڪي اجايا سجايا لفظ ڪيا ئين، جنهن تي جهيڙو ٿيو ۽ مير جو ماڻهو مارجي ويو. انهيءَ تي مير صاحب طرفان رياست جي حد ۾ پير صاحب جي جماعت سان سختيون شروع ٿيون. ناري ۽ جيسلمير جي حدن ۾ جماعت وڏي ۽ اتان عيد ۽ رجبين جي موقعن تي جماعت 'راهه جي پنڌ' سان خيرپور رياست مان لنگهي درگاه تي ايندي هئي. هڪ پيري شهدادپور جي چوڪيءَ جي جماعت جا فقير راهه جي پنڌ سان پئي آيا ته رياست ۾ کين روڪيو ويو، جنهن تي مقابلو ٿيو ۽ فقير محمد يوسف آزاد سين جلبجي پيو، جنهن کي پوءِ ماري ڇڏيائون. سوراه تعلقي ۾ فقير علي بخش نظاماڻي وڏي همت وارو مڙس هو، جنهن تي رياست طرفان سختيون ٿيون. هڪ پيري مير صاحب شڪار تي چڙهيو ۽ ويجهو اچي ڪٿي منزل ڪيائين. سرڪاري عملي زوري اچي علي بخش جو تيار ٿيل جَوَن جو فصل گهوڙن لاءِ لٽيو، جنهن تي فقير وڏو مقابلو ڪيو، ايتري قدر جو مير صاحب کي اتان منزل پٽڻي پئي.[1]

---

[1] هن مقابلي جي تفصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب "جنگناما" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ ١٩٨٣ع

ميرصاحب باوجود مسلسل زور ڏيڻ جي جماعت کي هيسي نه سگهيو. پيرصاحب جن به ميرصاحب جي
ڪاڪاٽ ڪانه ٿي ڪڍي، پرجيئن ته ميرصاحب رياست جا مير ۽ حڪمران هوءِ سندس طرفان مخالفت
حدڪان وڌي وئي هئي، انهيءَ ڪري پيرصاحب بهتر اهو ئي ڄاتو ته سندن درگاهه ۽ چوڌاري ڳوٺ واري
اراضي کي ميرصاحب جي رياست واري حدمان ڪڍ ائي، سنڌ جي برٽش حڪومت واري حدسان لاڳو
ڪجي. اها سندن دوراند يشي هئي ۽ پاڻ انهيءَ رٿ ۾ ڪامياب ٿيا، جو اها سڄي اراضي "پيرجوڳوٺ"
جي نالي سان رياست مان نڪري، برٽش حڪومت جي دوهڙي تعلقي سان لاڳو ٿي.

باوجود انهيءَ جي ميرصاحب طرفان مخالفت جاري رهي ۽ رياست جي حد ۾ جماعت تي وڏيون
سختيون ٿيون. ٻئي طرف پيرصاحب جن کي زهرڏيڻ جو منصوبو سٽيو ويو، جو ڪامياب نه ٿيو.
انهيءَ تي فقيرن به ميرصاحب تي حملي جي سٽ سٽي ۽ هڪ فقير، ميرصاحب کي طمنچه (ننڍي قسم جي بندوق)
هنيو، پر ميرصاحب بچي ويو. انهيءَ تي ميرصاحب طرفان پيرصاحب جن تي خون جو ڪيس داخل ٿيو.[1]
پرجيئن ته درگاهه ۽ ڳوٺ هاڻي انگريزن جي حد ۾ هئا، انهيءَ ڪري پيرصاحب جن کي نظربندڪري
درياءَ رستي ٻيڙي ۾ آڳبوٽ ۾ حيدرآباد وٺي ويا. درگاهه ۾ جماعت لاءِ هي هڪ وڏو صدمو هو.
ان وقت پيرصاحب جن سان سندن چاچو علي حيدرشاهه به گڏ هو، ۽ هن مشاير ۽ اثر ٿيو جو

---

[1] هي ۱۹ صدي جي آخر جو واقعو آهي. ڪيس جو رڪارڊ، شايد اڃا تائين موجود هجي، جنهن کي
ڏسي هن ڪيس جو سن سال ۽ الزام جي نوعيت معلوم ڪري سگهجي ٿي. في الحال هي بيان زباني
روايتن مطابق آهي: ڪي چون ٿا ته ميرصاحب کي طمنچو علي بخش نظاماڻي هنيو، ۽ ڪي چون ٿا ته
فقير يوسف آرادين ياڪنهن ٻئي هنيو، بهرحال پيرصاحب جن کي ان جي ڪاڄاڻ ڪانه هئي. فقيرهڪڙو
فيرڪيو ته ميرصاحب هڪل ڪئي ته ڳڙ آهين. فقيرچيو ته ڳڙ آهيان ته پوءِ اچي ٿو بيو. اهو ٻيو ڏڪ ميرصاحب
کي ڪلهي وٽان ڇماٽوٽي لڳو ۽ ڪرايڏو وڏو زخم ڪو نه ٿيو.

بي اختياريءَ دريا ۾ ٽپو ڏنائين. سندس حياتي خطري ۾ هئي پر مير بحر جيڪي خود پير صاحب جن تان قربان پيئي ٿيا، تن سندن اشاري تي وڏي خيال سان علي حيدر شاهه کي بچايو ۽ وري ٻيڙيءَ تي چاڙهيو.

پير صاحب جن تي هن ڪيس ۾ ڪوڙو بهتان ٻڌو ويو ته سندن اشاري سان مير صاحب تي حملو ٿيو. مير صاحب جي ذات سان سندن دشمني ڪانه هئي، مگر بحيثيت حڪمران جي، مير صاحب جن جيڪي قدم پيئي کنيا، تن سان پير صاحب جن جو اختلاف هو. موقعي محل سان جڏهن به پير صاحب جن جون مير صاحب سان شاهانه ملاقاتون پيئي ٿيون ته مير صاحب جن تي واضح پيئي ڪيائون ته سندس سرڪاري عملي جي غلط بيانن ۽ زيادتين سببان غلط فهميون پيدا ٿيون، جن لاءِ مير صاحب کي تدارڪ ڪرڻ ضروري هو. مير صاحب شيعه مذهب رکندڙ هو، ۽ انهيءَ لحاظ سان پڻ پير صاحب جن اشاري طور مير صاحب کي سمجهايو ته سادات تي اجائي سختي ڪرڻ روا ناهي. ساڳئي وقت اهو به ذهن نشين ڪرايائون ته مير صاحب طرفان سندن والدي به تڪليف آئي هئي، ۽ اهي ڳالهيون وسرڻ جون نه هيون - هڪ ملاقات ۾ اهڙي گفتگو هن طرح ٿي:

مير صاحب :- جناب پير صاحب! اسان ٻڌو آهي ته اوهان سياري ۾ به برف پيئندا آهيو، سچ؟

پير صاحب :- مير صاحب! اوهان جيڪي ٻڌو آهي سو صحيح آهي. اوهان کي معلوم هوندو ته ~~جهان~~ تشنه لبن، وارن جي اولاد آهيون.

مير صاحب :- پير صاحب! سرڪار طرفان اوهان کي صلاح آهي ته اڳين واريون ڳالهيون درگذر ڪريو، ۽ زمانه حال جي مصلحت مطابق سرڪار سان همراءِ ٿي هلو.

پير صاحب :- مير صاحب ! مصلحت جي پنهنجي جاءِ آهي، باقي

"ها پان سند ور، ڪن ڪيرتان وسري"

بهرحال شروع واري نظربندي بعد پير صاحب جن ضامن تي آزاد ٿيا ۽ پوءِ هي ڪيس حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ هليو. هي هڪ زبردست مقدمو هو. پير صاحب جن جي طرفان ديوان ميتارام گدواڻي[١] وڪيل هو.

ڪيس نهايت هوشياري سان سخت مضبوط ٺاهيو ويو هو، ۽ ڪوڙي سچ بنائڻ لاءِ وڏا حيلا هلايا ويا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ پير صاحب جن دست بدعا ٿيا. پاڻ روضي شريف ۾ اڪيلا ويا ۽ اندران دروازو بند ڪري پنهنجي جد امجد پير صاحب محمد راشد "روضي ڌڻي" جي مزار جي پيراندي کان ريشمي ڪلنگي تاج لاهي رکيا ٿون ۽ عرض ڪيائون ته: جيڪڏهن مان لائق نه هيس ته هيءَ تاج مٿي تي چوڙ ڪا نه! هاڻي مان لائق نه سهي، پر تون پنهنجي پڳ جي لڄ رک ۽ الله پاڪ ڪان ڪاميابي جي بشارت بخش. ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪيس جي فتوي رکيل هئي. باوجود مٿي مخالف ڪجهن جي ڪيس ڪوڙو ثابت ٿيو ۽ پاڻ باعزت بري قرار ڏنا ويا.

هن ڪيس بعد پير صاحب جن جي شان شوڪت ۽ عزت عظمت ۾ ويتر وڌو واڌارو ٿيو. غالباً هن ڪيس کان پوءِ پير صاحب خلاف، مير صاحب به پنهنجي طاقت آزمائي ڏري ڪئي، جو بالآخر دانائي سمجهي ويو ته پير صاحب سان سنڌ ۾ پڄڻ پيٽي ڪانه هئي. انهيءَ لاءِ مير صاحب پنهنجا تعلقات پير صاحب جن سان سنوارايا ۽ آهستي آهستي تلخيون ختم ٿيڻ لڳيون. مير صاحب جن پوءِ دعوتون ڏيئي ڪين سڏيو ۽ ڪن موقعن تي گڏجي شڪار ڪيائون. مير صاحب پاڻ وڏو توبچي هو پر ان فن ۾ به پير صاحب جن گوءِ کڻي: جتي مير صاحب بعضي گٿو پيئي، اتي به پير صاحب جا نشان پورا لڳا.

---

[١] جنهن جي نالي سان ڪراچي جي ڊي. جي سنڌ ڪاليج جو هاسٽل "ميتارام هاسٽل" سڏيو ويو.

سندن روزمرّه جا خاص معمول ۽ مشغلا

مٿي بيان ٿي آيو آهي ته پير صاحب جن ٻاهر جماعت ۾ سفر ڪيا، جماعت جي پرگهور لڌي ۽ جماعت کي گهڻو وڌايو. پاڻ سنڌ کان سواءِ بهاولپور، جيسلمير، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ بمبئي تائين سفر ۾ رهيا، ۽ سنڌ توڙي هند ۾ جتي به ويا ته اُتي پنهنجن مريدن ۽ ميزبانن توڙي امين خاندانن کي پنهنجي پُروقار، پياري شخصيت ۽ پنهنجي سخاءُ مروت سان متاثر ڪيائون. شاعر بڪائي سنڌ توڙي هند ۾ سندن فيض ۽ ڪرم جو ذڪر ڪيو آهي ته:-

زملکِ سندھ چہ گویم کہ تا ممالکِ ہند

اسیرِ دامِ کرمہائے اوست پیر و جواں

رسنڌ جي ڪهڙي ڳالهه ڪريان، ويندي هندوستان جي ملڪن ۾ به سڀ سندن

سخاءُ ڪرم جا گرويده آهن.

پاڻ وڏا شهسوار هئا. ۽ پنهنجي سمنڊ تي سوار ٿيندا هئا. پر مهري تي به شوق سان سواري ڪندا هئا. ٿر ۽ جيسلمير طرف، پاٽواري، اچڙي ٿر جو تيمور شاهه سندن جت ٿيند وهو. تيمور شاهه اُٺن جو وڏو سوار هو ۽ پير صاحب جن خوش طبعي ڪندي کيس چوندا هئا ته "اُٺن جو مرشد تون آهين".

درگاهه شريف تي هوندا هئا ته مسجد شريف ۽ روضي جي حاضري، حويلين جي نگراني ۽ سندن صاحبزادن جي تربيت، جماعت لاءِ زيارت ۽ هدايت، معزز مهمانن سان ملاقات، سائلن جي سنڀال، عالمن سان صحبت، شاعرن سان محفل، ڪتابن جو ذوق، هنر ۽ فن جو شوق سندن مشغلن ۾ شامل هوندا هئا. پر اهي سڀ مشغلا سندن اعليٰ انتظامي لياقت جي ڪري وقت جي پابندي سان روزمره جي عملي انتظام ۾ پوتل هئا. پاڻ پنهنجي اعليٰ ذهانت ۽ حُسن تدبر جي ڪري اعليٰ درجي جا منتظم هئا ۽ سندن نظر هيٺ درگاهه توڙي جماعت جو نظام ۽ انتظام اعليٰ معيار تي بيٺل هو.

جامع مسجد پاڻ وڏي ذوق ۽ اهتمام سان تعمير ڪرائي هئائون. جمعي جي ڏينهن پنهنجن

سيني صاحبزادن سميت نماز لاءِ ايندا هئا ۽ پاڻ امام ٿي نماز پڙهائيندا هئا ۽ نماز بعد صاحبزادن سميت مسجد شريف جي اُترين ديوار جي الهندين طرف واري دروازي کان (جو هن وقت ڪونهي) اندر حويلي ۾ داخل ٿي سڌو والده ماجده جي خدمت ۾ حاضري ڏيندا هئا ۽ اچڻ شرط والده ماجده جي قدمبوسي لاءِ جهڪندا هئا. جو امڙ معصومه کين گهرائي ڏسي فرمائيندي هئي ته: بابا، تو تي پيرسائين روضي ڌڻي جي پڳ آهي ۽ مان تنهنجي پيرين پوان. والده ماجده موسم آهر اگهوات شربت يا ٿادل تيار ڪري رکندي هئي، ۽ کين پيش ڪندي هئي.

پيرسائين جن کي ڇهن حرمن مان آٺ صاحبزادا[1] ٿيا، جيڪي جڏهن وڏيرا ٿيا ته کين تعليم ڏيارائون ۽ پنهنجي نظر هيٺ سندن تربيت ڪيائون. اها تربيت روزانو مقرر وقت تي صاحبزادن جي حاضري، سندن خيريت بابت پيار پري پڇاءِ سندن ضرورتن جي پورتواري، ۽ سندن سهڻي عمل تي شاباس ۽ آفرين، بلڪ روڪڙي جي عطا ۽ تحسين سان ڪندا هئا. ۽ صاحبزادا سائين علي گوهر شاه (پيرسائين محفي ڌڻي) ۽ سائين شاه مردان شاه (پيرسائين ڪوٽ ڌڻي) ڪانئن پوءِ مسندنشين ٿيا. ميان علي اصغر شاه وڏو خوشنويس ۽ فارسي توڙي سنڌي جو شاعر ٿيو. پاڻ پنهنجن صاحبزادن جون جايون ڪوٽ واري ديوار سان لڳو لڳ ٻاهرئين پاسي ٺهرايون هئائون. سندن آواز ڪافي بلند هوندو هو، ۽ جڏهن گهرندا هئا ته صاحبزادن کي سڏ ڪري وٺندا هئا.

---

[1] ڪوٽ مير محمد جي سادات مان شادي، جنهن گهر مان چار فرزند ٿيا: علي گوهر شاه (پيرسائين محفي ڌڻي)، شاه مردان شاه (پيرسائين ڪوٽ ڌڻي)، علي مظفر شاه ۽ غلام مصطفيٰ شاه. سندن چاچي ميان عبدالقادر شاه جي گهران شادي، ۽ ان گهر مان: علي اصغر شاه ۽ سندس همشيره معصومه. ڳڙهي ياسين جي پٺاڻن مان شادي ۽ ان گهر مان: علي سرور شاه ۽ محمود شاه. جهڏي جي سادات (لڳ ملڪاڻي) مان شادي، جنهن گهر مان عنايت الله شاه.

هر صبوح سلام ۾ حاضري لاءِ صاحبزادن واسطي وقت مقرر ٿيل هو. هڪ ڏينهن صبوح جو جيئن ئي صاحبزادا سلام تي آيا ته پاڻ فرمايائون ته شعر جي هي مصرع رات اسان جي دل تي چڙهي آهي جيڪا ارهاڻ بڌو ۽ ان سان لاڳو ٻي مصرع پنهنجي طرفان ملايو.

اگر شمشير در کف آن بتِ بيباک برخيزد

مصرع ٻڌائي پاڻ ميان علي اصغر شاه ڏي نهاري فرمايائون ته، تون چئُو. صاحبزادي في البديهه عرض ڪيو ته

"فغان از ساکنانِ عالمِ افلاک برخيزد"

پاڻ ڪيس پاڪر پاتائون، آفرين چيائون، ۽ خلعت طور تارڪشي (زريدار) لونگي، گهوڙو ۽ ٻيو نقد انعام جو حڪم ڪيائون.

فنون ۾ مهارت ۽ فن پروري

هنر ۽ فن، صنعت ۽ ڪاريگري جو ڪين وڏو ذوق هو. عمارت سازي، نقش نگاري ڪاشيگري ۾ خطاطي ۽ خوشنويسي سان سندن خاص شغف هو. مسجد شريف جي تعمير وقت ڪاشي جي سرن تي گلڪاري جا نوان نوان نقش پهريائين پاڻ پريندا هئا. ڪاشيءَ جون سرون به پنهنجن ڏنل خاص هدايتن هيٺ پچرائيندا هئا. چيني جي صنعتُ تي هڪ خاص ڪتاب لکيائون، جيڪو پوءِ سندن فرزند مياڻ علي اصغر شاه وٽ محفوظ هو. هي قلمي رسالو ٻن سون صفحن تي مشتمل هو. نقاشي ۾ استاد محمد حيدرآبادي کان ڪمال حاصل ڪيائون ۽ آخر ۾ ڪين اهاليا قت ۾ وسيءَ جو وقت جا ماني ۽ بهزاد ليکجڻ لڳا.[1]

---

[1] حسام الدين شاه راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، انجمن تاريخ سنڌ، ڪراچي حيدرآباد، ١٩٨١ع

مرسيقيءَ ’جماعت جي راڳ‘ کي ڏاڍو گهڻو پسند ڪندا هئا. ۽ ’جماعت جو راڳ‘ سندن دور ۾ وڏي اوج کي پهتو. هڪ روايت موجب ٻيا راڳي به وٽن محفل لاءِ موجود هوندا هئا.[1]

فنون لطيفه جي مڙني شعبن شاخن سان سندن شغف رهندو هو. خاص طرح شعر و شاعري سان جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

علمي مطالعو، علمي صحبتون ۽ ديني خدمتون

پنهنجي فراغت وارو وقت عملي فني مهارت يا اڪثر ڪتابن جي مطالعي ۾ صرف ڪندا هئا. قلمي ڪتابن، خصوصاً مُصَوَّر قلمي ڪتابن سان سندن وڏو ذوق هو. گهڻا ناياب قلمي ڪتاب خريد ڪيائون ۽ پنهنجن وڏن کان مليل موروثي ڪتب خاني کي وڏيڪ وسيع ڪيائون. ڏاڍا هزارين رپيا ڏيئي اهڙا نادر ڪتاب وٺندا هئا. ايران ۽ مصر کان ماڻهو وٽن خاص طرح ڪتاب کڻي ايندا هئا. سندن ڏينهن ۾ ڪتبخانو بالڪل اوج تي پهچي ويو.[2]

انگريزن جي حملي ۽ ڦرلٽ سبب هي شاهي ڪتب خانو هن پوئين دور ۾ گهڻو ضايع ٿي ويو، پر جيڪي ڪتاب اتفاق سان بچي ويا آهن، تن مان ڪيترن ئي تي پير سائين حزب الله شاه جا دستخط ۽ عبارتون لکيل آهن.

عالمن فاضلن جي وڏي قدر داني ڪندا هئا. بلڪ دلي طور سندن عزت ڪندا هئا. عيدن ۽ ٻين مرتعن تي چونڊ عالمن کي سڏيندا هئا ۽ سندن دعوت ڪندا هئا. علم جي عزت ۽ اعلیٰشان رکڻ خاطر ماني وقت هٿن ڌئارڻ جي شروعات پهريائين پاڻ ڪندا هئا. هڪ معتبر روايت موجب جيڪا پهرين دعوت ڪيائون، تنهن ۾ دسترخوان تي سڀ چاندي جا ٿانوَ رکيل هئا ۽ هٿن ڌئارڻ وارا برتن پڻ چاندي جا هئا. اوستي محمد (بلوچستان) جو مولانا نبي بخش ڪولاچي (جيڪو فارسي جو اديب ۽ شاعر پڻ هو) کي به پاڻ سڏيو هئائون. ان بزرگ چيو ته: قبلا! اسلام ۾ سادگي آهي. سون ۽ چاندي جا زيور عورتن لاءِ جائز آهن، پر مردن لاءِ سون ۽ چاندي جو استعمال ڪنهن به صورت ۾ جائز

---

[1] حسام الدين شاه راشدي: ’ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون‘ انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي. حيدرآباد، ١٩٨١ع [2] ايضاً

ناهي. اهو ٻڌي پاڻ بروقت اهي سپ ٿانءَ ڪٽائي ٻاهر ڪڍايا ٿون ۽ اڳتي لاءِ ڪو به چاندي جو برتن استعمال ۾ نه آندائون.

حافظ محمد صديق صاحب پير جو نڍي وار و عقيدت سان وٽن ايندو هو ۽ پير صاحب جن چوندا هئا ته: حافظ صاحب قرآن حڪيم اهڙين ئي پڙهي جيئن مٿان لوح محفوظ مان لٿو آهي. مولوي محمد صديق صاحب حيدرآباد ديءَ جي به ساڻن محبت ۽ عقيدت هئي، ۽ پاڻ قرآن شريف جي تعليم ۽ ديني خدمت خاطر مولوي محمد صديق صاحب کي ڪلام پاڪ جي تفسير ۽ شرح مشڪوات جو ڪم سونپيا ئون ۽ پراهو سندن زندگي ۾ پورو نه ٿي سگهيو. تفسير ڪوثر پوءِ سندن وفات بعد جناب پير شاهه مردان شاهه صاحب ڇپايو. مولوي صاحب موصوف پير سائين حزب الله شاهه جن جي سوانح ۽ اعليٰ اخلاق تي 'تفسير ڪوثر' جي مقدمي ۾ چڱي روشني وڌي آهي. ٻڍ ميان مولوي عبد اللطيف 'تفسير ڪوثر' جي مقدمه طور سندن شان ۾ قصيدو منظوم ڪيو آهي، جيڪو هن ديوان جي آخر ۾ ضميمي طور ڏنو ويو آهي. مولوي عبد القادر سولنگي جيڪو سندن مريد ۽ حال جو صاحب هو، سو وٽن درگاهه شريف جي جامع مسجد جو پيش امام هو.

شعر و شاعري ۽ ادبي محفلون

پير صاحب جن فارسي ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ ان بعد پاڻ پنهنجي ذوق سان فارسي ادب ۽ شاعري جو مسلسل مطالعو ڪندا رهيا. سندن موزون طبع ۽ اعليٰ شاعرانه شعور ذريعي خود کين فارسي شاعري ۾ دسترس پيدا ٿي. سندن موزون طبع غزل ڏانهن مائل ٿي ۽ انهيءَ ڪري پاڻ حافظ شيرازي ڏانهن متوجه ٿيا. ڪانئن اڳ سندن والد ۽ ڏاڏن جو رخ مولانا رومي رح جي مثنوي طرف هو. حافظ جو مٿن وڏو اثر هو مگر 'ديوان حافظ' کان ٻاهر ٻين شاعرن، خصوصاً صوفي مسلڪ وارن جي ڪلام پڻ کين متاثر ڪيو. مثلاً خواجه عثمان هاروني ڏانهن منسوب غزل جي پيران پاڻ غزل چيا ئون ته:-

هر صبح و مسا در کوئے آں دلدار می رقصم

دلی بریاد آں دلبر بنا له زار می رقصم

پاڻ پنهنجي دور جي فارسي شاعرن جا سرواڻ ٻنيا، ۽ چوند چوند شاعر سندن دعوتن تي توڙي پاڻمرادو ڪانئن داد وٺڻ ۽ انعام اڪرام حاصل ڪرڻ لاءِ اچي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا. خود وٽن درگاه تي سندن پنهنجن صاحبزادن ۽ سندن استادن، سندن پنهنجن خادمن ۽ شهر جي حڪيمن طبيبن ۾ فارسي دان شاعر ۽ اديب موجود هئا، جن سان پاڻ شعر ۽ ادب جون محفلون ڪندا هئا. پهرياڻين پاڻ ڪا سهڻي مصرع پيش ڪندا هئا ۽ پوءِ سڀني کي ان تي غزل چوڻ جي ترغيب ڏيندا هئا. بعضي ادبي ظرافت طور حاضرين کي مصرع سان مصرع ملائڻ لاءِ ارشاد فرمائيندا هئا.[له] هڪ ڀيري پنهنجي طرفان فطرت جي ڪشادگي تي موزون مصرع محفل ۾ پيش ڪيائون ته:

صحرا چه خوش است که در ندارد

انهيءَ تي سندن فرزند علي اصغر شاه چيو ته:

عاشق چه خوش است که سر ندارد

مولوي محمد عاقل چيو ته:

مفلس چه خوش است که زر ندارد

چٽگي فقير جو اصل پنجاب جو هو، پر پير صاحب جن جي قرب ۾ ڪَڙي جي پنهنجو گهر وساري اتي ئي ويهي رهيو هو. تنهن مولوي صاحب جي مصرع واري خيال کان متاثر ٿي پنهنجي حال جو هرڪو ڏنو ته:

چٽگی چه خوش است که گهر ندارد

پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا. چٽگي کي نقد انعام ڏنائون ۽ پڻ گهر جي جاءِ جو ٽڪرو ڏنائون. مولوي محمد عاقل کي نقد انعام سان نوازيائون ۽ ميان علي اصغر شاه کي خلعت عطا ڪيائون. پنهنجن فرزندن جي تربيت خاطر توڙي ساڻن محبت و دلداري خاطر پاڻ پنهنجي طرفان موزون

له هينئين ۽ روايتون ياد هجي ويون آهن ۽ ميان حسام الدين شاه (ڳالهيون ڳوٺ وٽن جن) ۾ پڻ

سان ڪرڻ لاءِ

مصرع ڏيندا هئا، ۽ ڪين جوابي مصرع چوڻ جو ارشاد ڪندا هئا. هڪ رات فرزندن سان گڏ ويٺا هئا جو چوڏهين جي چنڊ جي چوڌاري ’پڙ‘ (گول گهيرو) ٿي ويو. پاڻ فرمايائون:

خطِ خوبی بگردِ مہ کشیدہ

ميان علي اصغر شاه جواب عرض ڪيو ته:

نہ چشمے دیدنے گوشی شنیدہ

درگاه تي سندن عزيزن مان سندن مامو ميان اميد علي شاه، ميان حسام الدين شاه، ميان احمد شاه ۽ سندن فرزند ميان علي اصغر شاه شعر و شاعري جي انهن محفلن ۾ اڪثر موجود رهندا هئا. ٻاهرين اديبن ۽ شاعرن مان مولوي محمد عاقل[1] ڪهڙوڪري سندن حاضري ۾ رهندو هو. ٻيا شاعر ٻاهران خاص موقعن تي سندن دعوت تي ايندا هئا ۽ پير صاحب جن کان تحسين ۽ آفرين توڙي وڏا انعام اڪرام حاصل ڪندا هئا. جن ۾ آخوند احمد بن عبد العليم سانوڻي (هالا پراڻا) سيد فاضل شاه حيدرآبادي، سيد غلام شاه لڪياري، مولوي نبي بخش ڪولاچي (اوستا محمد) مولوي بهاء الدين ٻهائي[2] ۽ ٻيا. ميان نعمت الله بن عبد الله سهتو (ويٺل ملڪاسهتا ضلعو خيرپور) سندن مريد فارسي جو شاعر هو. سفر ۾ اڪثر ڪيس پاڻ سان ڪٺندا هئا. جناب پير صاحب جن جي چيل غزل واري ساڳي زمين ۾ سندن فرزند ميان علي اصغر شاه ۽ مولوي محمد عاقل غزل پيش ڪندا هئا. مثلاً حضرت پير صاحب جن هيٺين مطلعن وارا ٻه غزل چيا.[3]

---

[1] مولوي محمد عاقل، ويٺل ڳوٺ عاقل، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو پنهنجي وقت جو نهايت ئي ذهين عالم ۽ اديب هو. سندس فرزند مرحوم عبدالله ’عبد‘ عاقلي ۽ زيب‘ عاقلي سان راقم مليو ۽ مولوي صاحب مرحوم جي ذهانت جون ڳالهيون ٻڌيون.

[2] مولوي بهاء الدين ’ٻهائي‘ بن جلال الدين پاڙو پاوناڻي‘ ٻتاڻي بلوچ، ڳوٺ نصير ڪري‘، ٻگ گهوٽڪي سنه ١٢٣٩هه ۾ ڄائو ۽ ٢٢ محرم ١٣٥٢ هه ۾ وفات ڪيائين. نامياري علمي شاعر هو. گهڻو شعر چيائين جيڪو سندس فارسي ڪليات ۾ ڇپيل آهي. سندس فرزند مولوي ضياء الدين ’ضيائي‘ به اديب هو ۽ ١٥، ٢٠ سال اڳ ساڻس گهڻيون ملاقاتون ٿيون. ’ديوان ٻهائي‘ صادق الانوار پريس مان اڳ ڇپيو.

[3] جيڪي ’ديوان‘ ۾ موجود آهن.

نگارا باد و تیغ ابرو برم چون تاختی رفتی
مرا مجروح کردی و نه مرهم ساختی رفتی

—

زبد بین دیده من بر رخ نقاب انداختی رفتی
نقاب ابر سیه بر آفتاب انداختی رفتی

پوءِ ميان علي اصغر شاه انهن غزلن جي پران غزل چيو ته[1]:

بنا دوش از رهِ دورم نگه انداختی رفتی
زخواب و صبر، چشم و سینه را پرداختی رفتی

ميان علي اصغر شاه جي ارشاد تي پوءِ مولوي محمد عاقل غزل چيو ته[1]:

به تیر چشم پر نازت شهیدم ساختی رفتی
شهیدت را بجز گور و کفن انداختی رفتی

حضرت پير صاحب جن وڏا سخن فهم ۽ سخن سنج هئا ۽ ان سان گڏ سندن طبع سراسر سخاوت ڏي مائل هئي. انهيءَ ڪري سهڻي شعر جو دل کولي داد ڏيندا هئا ۽ شاعر کي انعامن اڪرامن سان مالامال ڪري ڇڏيندا هئا. سيد غلام شاه ”لاڙجو لال“[2] تنهن تي پاڻ ناراض هئا. پر سيد موصوف سندن سامهون ايندي ئي موقعي جي مناسبت سان (پنهنجو يا ڪنهن ٻئي جو) اهڙو ته سهڻو شعر پڙهيو جو خوش ٿي مٿس گهڻو راضي ٿيا. مولوي بهاءالدين ’بهائي‘ جيڪو ان وقت جي وڏن شاعرن مان هو، تنهن کي حضرت پير صاحب جن انعامن اڪرامن سان مالامال ڪري ڇڏيو.

---

[1] هي ٻئي غزل ميان حسام الدين شاه ”تڪمله مقالات الشعراء“ مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ (١٩٥٨ع) (ص ۴۴۴ - ۴۴۵) ۾ حاشيه طور نقل ڪيا آهن.

[2] غالبًا ساڳيو غلام شاه لڪياري، جنهن جي نالي سان غلام شاه جو ميلو لڳي ٿو.

هڪ پيري ڪيس ڏهه هزار رپيا ڏنائون جو ڀٽائيءَ شعر ۾ پنهنجي خسته حاليءَ ۽ غمگيني جو اظهار ڪيو هو. ٻئي پيري مولانا بهاءالدين پنهنجو هڪ نئون غزل اچي سندن آڏو پيش ڪيو ۽ پاڻ استرو ته خوش ٿيا جو پنهنجو هاٿي ڪيس انعام طور ڏيڻ جو حڪم ڪيائون. مولانا عرض ڪيو ته: قبلا! هاٿي جي خرچ برداشت ڪرڻ جي ٻانهي ۾ طاقت ڪانهي. پاڻ فرمايائون ته: اسين ڏيئي چڪا آهيون ۽ هاڻي اوهان جو آهي. پوءِ پاڻ پيلبان ۽ ٻيو سنبال جو خرچ ڏنائون. اهو هاٿي مولانا پوءِ وڃي بهاولپور جي نواب کي ڏنو، ۽ عيوض ۾ ڪيس چڱي وڏي رقم حاصل ٿي. مولوي قربان علي جي روايت موجب اهو هيٺيون غزل هو، جنهن تي حضرت پيرصاحب جن خوش ٿي مولانا کي هاٿي انعام ڏنو هو[1]. هن غزل ۾ معنوي خوبي ۽ اعليٰ فڪر وارو اهو نڪتو سمايل آهي جو ان ۾ ڪل ڪائنات ۾ انسان جي اعليٰ مقام ۽ عظمت جو تخيّل پيش ڪيل آهي.

قربِ حق شد منزلِ ما، عشق جانِ جانِ ماست
ماشہِ ملکِ دل و عرشِ عظیم ایوانِ ماست
باعثِ ایجاد مائیم از پئے ہر دو جہاں
ہر دو عالم فی الحقیقت منّتِ احسانِ ماست
ماکہ از روزِ ازل مارا محبّت مشرب است
عشق بازی دینِ ما و عشقِ عشق ایمانِ ماست

---

[1] روايت مولوي قربان عليءَ هي غزل ديوان ’ڀٽائي‘ جي صفحي ۷۵ تي ڇپيل آهي. ٻئي روايت موجب جيڪا خود مولوي عبدالرحمٰن ضيائيءَ اسان سان بيان ڪئي. ان موجب هيٺين مطلعي واري غزل تي پيرصاحب جن هاٿي انعام ڏنو ۽ پيلبان جو خرچ، توڙي گاهه ٻڌي جو خرچ سڄو ڏنو. مطلع

محبت را بجاں تازندہ ام چوں جاں بہ تن دارم
مبادا غیر ازیں ورد زبانم تا سخن دارم
بشمشیرِ محبت سر بریدم ہستیِ خود را
شہیدِ تیغِ عشقم پیرہن برتن کفن دارم [1]

---

[1] انعام خاص هن بيت تي ڏنا ٿون:

عشق یعقوب است و عقل اخوان ما ما یوسفیم!
ما عزیزِ مصرِ عشقیم و خودی زندان ماست

ما بدنیا سخت نادانیم و در دیوانِ عشق
عقلِ عالم نوسبق شاگردِ شاگردانِ ماست

آفتابِ عالم افروز است نورِ فیضِ ما!
از متھیلہ تا کراچی جلوۂ جولانِ ماست

عالمِ عقبیٰ کراچی و متھیلہ این جهان است
هر دو عالم روشن از خورشیدِ نورافشانِ ماست

مدحِ ما مشهور الانسان سرّی، واقع است
بر رُخ آن شاهدِ سِر صورتِ انسانِ ماست

از ازل ما را چه دستارِ خلافت بر سر است
شانِ ما ایمانِ ما قرآنِ ما برہانِ ماست

در دو عالم گوئی اقبال از همه کس برده ایم
از زمین تا به فلک با عرصۂ میدانِ ماست

در دو عالم گردی از چیزی نیابی چون سخن
پارۂ بنگر که آن هم لعلِ خوش از کانِ ماست

از پیِ ما خاک گسترده بساطِ انجمن
آسمان در رقص و حالت باهم از دستانِ ماست
طالبِ ذاتِ خداییم و خدا مطلوبِ ماست
در دمِ ایزدیم و ذاتِ حق درمانِ ماست
این همه اقبالها داریم از اقبالِ عشق

عملي زندگي ۾ ڪاميابي ۽ سرفرازي:

پير صاحب جن جي عملي زندگي ۾ فطري نظم ونسق ۽ اعليٰ سطح وارو توازن هو. پاڻ شاعر هئا ۽ پڻ فنِ شاعري جا قدردان، پر باوجود ان جي شاعري جي محفلن کي دماغي عياشي جو مشغلو ڪونه بنايائون. سندن خاص توجه زندگيءَ جي عملي مسئلن ۽ معاملن طرف هوندو هو. درگاه جي عزت ۽ عظمت طرف هو ۽ جماعت جي تنظيم ۽ توسيع طرف هو. پاڻ عملي زندگي جا شهسوار هئا ۽ هر ميدان ۾ ڪاميابي ۽ سرفرازي سندن قدم پئي چميا. بقول ميان حسام الدين شاه جي "پاڻ نه رڳو بزم مگر رزم ۾ به يڪتائي روزگار هئا. گهوڙي سواري ۽ تيراندازيءَ ۾ کين خاص ملڪو حاصل هيو. هڪ دفعي عصر جي نماز پڙهي عمرڪوٽ مان گهوڙي تي نڪتا ۽ سحر جي نماز وري اچي ڪوٽ پڙهيائون. تيراندازي جي اها حالت هئي، جو مير علي مرادسان شڪار تي ويا. مرغابين تان مير هر هر ٿي ڪُٿو، مگر پير صاحب تير جنهن به مرغابيءَ کي لڳايو ٿي ته ان کي آسمان ۾ ئي پرزا پرزا ڪري پئي ڇڏيائين. هڪ دفعي بازيگرن جي ڪاٺ وارن ڪبوترن جو هڪ پاسو ڪارو ۽ ٻيو اڇو ڪرائي آسمان تي اُڇلايائون. پوءِ دل جنهن به پاسي چاهيو ٿي ان کي تير ٿي هنيائون. ليمن کي آسمان طرف اُڇلائي هميشه چِٽيندا رهندا هئا."[1]

توڪل، سخا ۽ سائلن جي سنڀال

سخاوت پير سائين جن جي سرشت ۾ سمايل هئي. هر مسڪين سائل جي سنڀال پاڻ تي فرض ڪري ڄاڻائون. اهو انهيءَ ڪري جو هڪ ته محتاج انسان جي محتاجي ۽ سائل جي بي وسيءَ جو کين وڏو احساس هو، ۽ ٻيو ته ڪنهن به شيءِ کي ڏيڻ مان کين روحاني راحت ٿي حاصل ٿي. انهيءَ ڪري رات ڏينهان چڱي مٿي "ڏي ۽ ڏي" وارو وجد بوطاري ٿي رهيو. نهايت پياري ۽ پسنديده شيءِ کي خدا جي راه ۾ ڏيندي عجب لطف ۽ لذت محسوس ڪندا هئا. وٽن بيٺل

---

[1] حسام الدين شاه "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون"

جنھن بہ گھوڙي ڏاندياُن جي تعريف ڪئي ته اھو خيرات طور ڏيئي ڇڏيندا ھئا. ميان حسام الدين شاھ رقمطراز آھي ته ”سندن سخا جي اھا حالت ھئي جو ھڪ دفعي وٽن سيد پنھنجي نياڻيءَ جي شادي لاءِ ڪجھ خرچ پڪو پنڻ آيو. پاڻ کيس فرمايائون ته: ترس، شام تائين جيڪي آيو سو توکي ڏينداسين. ويچ شام تائين وٽن ڏھ ھزار رپيا روڪ، ھڪ اٺ چانديءَ جي زيورن ۽ سازن سان ۽ ٻيا ڪيترا ديگ ديگا اچي ڪٺا ٿيا. جيڪي سڀ سيد کي گھرائي ڏيئي ڇڏيائون. سيد حيران ٿي ويو ۽ ايتري سازسامان کڻڻ کان انڪار ڪيائين، مگر پاڻ زوريءَ کيس کڻائي ڇڏيائون. وفات وقت چيائون ته: افسوس آھي جو مون کان ٻه ٻڪ وقت ڪنھن به لک رپيا ڪونه گھريا.“ ....

...... سندن توڪل ۽ سخا جي اھا حالت ھئي جو ھڪ ڏينھن سندن توشه خاني ۾ چار ھزار نقد ۽ ٻيا ڪيچار سامان پيو ھو. مگر (اھو سائلن کي ڏيئي ڇڏيائون ۽) ٻئي ڏينھن اتي ھڪ ڪوڏي به ڪانه ھئي جو باورچي خاني لاءِ ڪو چيلو وٺن.[1]

سندن فيض ۽ قرب سان جماعت گھڻو ودي ويئي ھئي ۽ سڀ سندن مٿان قربان پيا ٿيندا ھئا. روزانو وٽن نذراني طور گھڻو ڪجھ جمع ٿيندو ھو، پر جيڪي ايندو ھو پاڻ تنھن کان وڌيڪ ڏيندا ھئا ۽ خزانو ھميشه خالي رھندو ھو. وصال وقت پويان ٿي لک رپيا قرض ڇڏيائون.

سياسي تدبر ۽ ملڪي آزادي لاءِ اپاءَ

آزاديءَ لاءِ جد وجھد جناب پير صاحب جن کي ورثي ۾ ملي ھئي. ھڪ طرف انگريزن جو سنڌ تي غاصبانه قبضو ڏينھون ڏينھن مضبوط ٿيندو ٿي ويو، ته ٻئي طرف سنڌ ۾ پاڙيسري حڪمران ميرن جي پڇاڙيءَ سان انگريزن جي قائم ڪيل خيرپور رياست جي والي مير علي مراد خان جو ساڻن نزاع شروع ٿيو. پير صاحب جن وڏي صبر ۽ تدبر کان ڪم ورتو: نه مير صاحب جي زيادتي سٺائين

---

[1] حسام الدين شاھ ”ڳالھيون ڳوٺ وٽن جون.“

ته نه ڌري انگريزن جي غلامانه خوشامد ۽ خيرخواهي واري وات ورتائين. انگريزن طرفان نظربندي وارو قانون مڙهيائين، پر پنهنجي آجائيءَ لاءِ ڪا به منت ميڙ ڪا نه ڪيائين، ۽ ڪورٽ مان ڇٽي پنهنجي عزت ۽ عظمت قائم رکيائين. پير صاحب جن جي تخت نشين ٿيڻ کان ٤ سال ڪن اڳ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو هو، ۽ پاڻ پنهنجي بلوغت ۽ جوانيءَ واري دور ۾ انگريزن سنڌ ۾ جيڪي ڪيو تنهن کي غور سان پئي ڏٺائون. انگريزن سنڌ جي آزاد حڪومت ختم ڪري سنڌ کي غلام بڻايو هو، ملڪ تي ڌاريا قاعدا قانون مڙهيا هئا، ماڻهن جي مالي حالت زبون ٿي وئي هئي ۽ سنڌ ڌن خوشي ۽ خوشحالي ختم ٿي چڪي هئي. ۽ سنڌ جي اسلامي روايتن کي، جيڪي صدين کان وٺي رائج هيون، مسخ ڪيو پئي ويو. انگريزن جي سرڪاري جلسن ۾ کليو کلايو شراب پيئي هلايو ويو.

شراب خوريءَ خلاف احتجاج

پير صاحب جن پهريان غيرت مند شخص هئا جن جرأت سان شراب خوريءَ واريءَ انهيءَ حرڪت خلاف آواز اٿاريو. روهڙي سکر وٽان دريا واري پل جي سلسلي ۾ بمبئيءَ جو گورنر آيو ۽ وڏو سرڪاري جلسو ٿيو، جنهن ۾ پير صاحب جن ۽ ٻين مقامي معزز ماڻهن کي سڏيو ويو هو. اتي شراب جا گلاس سڀني آڏو رکيا ويا. پير صاحب جن غيرت وچان اٿي بيٺا ۽ خاص طرح انگريز آفيسرن ڏي منهن ڪري پنهنجي پرزور آواز سان احتجاج ڪيائون ته جيڪڏهن شراب نه هٽايو ويو ته پاڻ جلسي کي ڇڏي هليا ويندا. تقرير ۾ انگريزن جي حڪومت طرفان ملڪي رسم جي خلاف سرڪاري جلسن ۾ شراب پيارڻ واري حرڪت تي سخت نڪته چيني ڪيائون. نتيجو اهو نڪتو جو برقت شيشا ۽ گلاس هٽايا ويا ۽ شراب ڏيڻ بند ڪيو ويو. هن مشهور واقعي بابت ميان حسام الدين شاه هن طرح لکيو آهي ته:-

خودداريءَ جي اها حالت هئي جو لينس ڊائون پل جي افتتاح وقت جيڪا گورنر پارٽي ڪئي هئي، ان ۾ جنهن وقت شراب جو دور هليو، ان وقت پير صاحب جن پنهنجو پيالو هٿ ۾ جهلي مخالفانه انداز ۾ نهايت ڪڙڪيدار تقرير ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو شراب جا شيشا پيالن سميت مجلس مان ٻاهر ڪڍائي ڇڏيائون[1].

---

[1] "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"

انگريزن خلاف ترڪي جي سلطان ڏي خط

پير صاحب جن وڏا محب وطن هئا ۽ ان سان گڏ اعليٰ سياسي تدبر ۽ سياسي بصيرت جا مالڪ هئا[1]، سنڌ جي پنهنجي آزاد اسلامي حڪومت جي خاتمي بعد انگريزن جي غاصبانه قبضي کي ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو ڏسي دور انديشي سان سوچيائون ته انهي غلاميءَ کان ڪيئن نجات حاصل ڪجي. پهريائين سندن توجه انهيءَ طرف ٿيو ته اندروني طور ملڪ ۾ ماڻهن جي اجتماعي طاقت کي وڌائجي. خود پاڻ پنهنجي جماعت کي نه فقط وڌايائون ۽ منظم ڪيائون، پر جماعت ۾ همت ۽ مردانگي، مقابلي ۽ جهاد جو روح ڦوڪيائون. انگريزن طرفان جو ڪوڙي ڪيس ۾ کين نظربند ڪيو ويو، ان خود بخود سندن جماعت ۾ انگريزن خلاف نفرت جو جذبو پيدا ڪيو. پير صاحب جن کي انگريزن جي قبضي بعد عام ماڻهن جي افلاس ۽ مايوسيءَ جو احساس ٿيو، ۽ پاڻ پنهنجي حد تائين غريبن جي دلجوئي ۽ سائلن جي مدد لاءِ سخاوت جا دروازا کولي ڇڏيائون.

ٻئي طرف پنهنجي سياسي بصيرت سان محسوس ڪيائون ته انگريزن جي ايڏي وڏي طاقت کي، ڪنهن به ٻاهرين وڏي طاقت جي مدد ۽ معاونت کان سواءِ ملڪ مان هٽائڻ مشڪل ٿيندو. انهيءَ سلسلي ۾ ان وقت جي اسلامي دنيا جي خليفي ۽ ترڪي جي سلطان عبدالحميد سان ناتو قائم ڪرڻ ۽ خليفي کي انگريزن جي حڪومت جي ڪرتوتن ۽ ڪارنامن کان آگاه ڪرڻ ضروري سمجهيائون. انهيءَ مقصد لاءِ سلطان عبدالحميد ڏانهن پاڻ فارسي ۾ خط جو مسودو تيار ڪيائون،

---

[1] تاريخ ٢٣- آگسٽ ١٩٨٣ع تي ڪراچي ۾ پير علي محمد شاه صاحب راشدي سان هن موضوع تي گفتگو ٿي. راشدي صاحب تصديق ڪندي چيو ته "پير صاحب حزب الله شاه سياسي بصيرت رکندڙ هو. پير سائين جن جو ناني پير شاه چوندو هو ته جناب حزب الله شاه نه صرف بين الاقوامي حالات ۽ واقعات کان باخبر هو، پر معاصرانه واقعات تي راءِ رکندڙ هو. جنگين جون خبرون اينديون هيون ته نقشا ڪڍي سمجهائيندو هو ته هيئن ٿئي يا هيئن ٿئي.

جنهن جي وڌيڪ عبارت آرائي ۽ خوش نويسي پنهنجي فرزند ميان علي اصغر شاهه کي سونپيائون. ميان علي اصغر شاهه اهو مسوّدو عبارت آرائيءَ سان نهايت سهڻو ڪري لکيو، ايتري قدر جو ڪيس دستور موجب والد صاحب کان خلعت حاصل ڪرڻ جي تمنّا ٿي ۽ انهيءَ تمنّا کي پڻ عبارت آرائيءَ سان نقاشي واري حاشيه سان سينگاري خط جي مسودي جي پويان ساڳيءَ سهڻي صورت خطي ۾ لکي پيش ڪيائين.

خط جو اهو پهريون مسودو جيڪو ميان علي اصغر شاهه لکي پيش ڪيو، تنهن جو عڪس ئي اسان تائين پهتو آهي. جناب پير صاحب جن طرفان آخري طور اهو خط ڪهڙي صورت ۾ ۽ ڪهڙي طريقي سان سلطان تائين پهچايو ويو، سو سراسر راز هو ۽ اڄ تائين رازئي رهيو آهي. هن مُسَوَّدي جو مطالعو ڪندي هيٺين نتيجن تي پهچجي ٿو: (١) هن مسودي ۾ وچان وچان ٿورا گهڻا خال ڇڏيل آهن جيڪي ڪن خاص لفظن ۽ فقرن سان غالباً پير صاحب جن خود پاڻ ئي ڀريا. (٢) خط جي خاص معنيٰ ۽ مقصد کي شروع کان آخر تائين عبارت آرائيءَ ۾ ڍڪيو ويو آهي ته آسانيءَ سان اهو معلوم نه ٿي سگهي ته اهو ڪو سياسي نوعيت جو خط آهي. (٣) پير صاحب جن هي خط سلطان عبدالحميد ثاني (١٢٩٣-١٣٢٧ه/١٨٧٦-١٩٠٩ع) ڏي لکيو ۽ جيئن ته پاڻ محرم ١٣٠٨ه ۾ وفات ڪيائون، انهيءَ ڪري اهو خط ١٢٩٣-١٣٠٨ه واري عرصي ۾ لکيو ويو هوندو. (٤) هن خط جي وچ ۾ سنڌ تي انگريزن جي ڪيل قبضي ۽ ڪرتوتن، ۽ ملڪ جي ماڻهن جي تباهي جو خاص ذڪر آندل آهي.

لکيائون ته:...

"هن وقت جڏهن هندوستان چوڌاري بي دين نصارن جي قبضي ۾ اچي ويو آهي، تڏهن دين ايمان منجهي خلط ملط ٿي چڪا آهن، بگهڙ ڍڳ جا رکوال آهن. شريف ۽ رذيل ٻنهي کي هڪ جهڙو سمجهيو وڃي ٿو، هندو زوران زور ته مسلمان ڪمزور آهن. مفلسي گهڻي ۽ بيحد ته سرڪاري مطالبا وڌان وڌ..... اهي صليب جي نشان کي ايمان جي تعويذ کان وڌيڪ اثرائتو سمجهن ٿا، ۽

ناقوس جي آواز کي اذان ڪري پائين ٿا...... نه حڪمرانن کي رعيت جي تباهي تي غور نه نوري رعيت جي هٿ ڪرائي ۾ زور. هڪ طرف زراعت بي برڪت ته ٻئي طرف ڍل وصول ڪندڙن جي ڪثرت. باوجود انهي جي، قلم ۽ زبانون انگريزن ۽ سندن طرفدارن تابعن ۽ نوابن جا ٻول ٻولي ۾ ڳٽ ڳائي رهيا آهن.“

خط ۾ مٿين مقصد واري بيان ۾ ان بعد سلطان عبدالحميد جي نالي واري خط جي آخري حصي جي اصل فارسي عبارت هيٺين طور آهي:

”السلاطين ظل الله تعالیٰ

تسبیحِ مُسبّحان خاکی و تمدیحِ حامدانِ افلاکی سبّوحِ اقدس ربّ الارواح و النفوس را ....

.... اکنون که چهار دانگ هندوستان تخت اقتدار نصرانیان بے دین آمده ادیانها برغلط شده و ایمانها مختلط گشته، گرگ بره را پاسبان است شریف بارذیل بآبروی یکسان، هندوان چیره دست و مسلمانان خیره و پست، افلاس طارلیست بجد و مطالبات سرکاری بلاعدد ...... نقش صلیب را مؤثر تر از حرز یمانی خوانند و صدای ناقوس آواز اذانی دانند. جز شپره مسجد را اعتکاف نشین نیست. سوای گربه قبر موش را تولیت گزین. هر مبتدع پر فیاض حقیقت است و هر نا متشرع حیاض طریقت. فجّار بمراتبِ ارجمند فائز و ابرار محروم از صلاة و جوائز. ارضیات رتوم رہن را نا مکتفی مسکونات سود را غیر موفی. نه حکام را بر تباہیِ رعایا غور و نه رعایا در پنجهٔ بازو زور. زراعت ہائے بے برکت کشش محصلان را کثرت. مگر بلبل قلم را در ثنائے گلہائے حدیقهٔ سروری

ناظمانِ اورنگ و گلبانِ نوبهارِ سخاپروری نوابان تابع فرنگ، صفیر بصفیر است و نغمه دلپذیر که نه زبان را در مدایح اعمالِ شان مجالِ زدنِ حرفی و نه روان را در قبایح افعال ایشان خیال گرفتن طرفی ....

برافلاطون کتابِ حکمت بینائی که بر ضمیر سجنجل[۱] تصویرِ صاحبانِ عقولِ اولی الخبرت دانندہ گانِ طرزِ سؤال سائل و بر خیالِ قسمِ مثالِ دانایانِ ذوی الفطرۃ سندہ گانِ مقالِ قائل که مظہرِ خبایای[۲] رموزِ سرمدی اند و مصدرِ خفایای[۳] امورِ ایزدی [ظاهر و روشن است[۴]] که این تمهید تهیدستگانی را بسطی جز سؤال نیست و این جمله تشیید مبانی را سطی سوای بسط اذیال.....

پس بهتر که جهتِ دوامِ بقای عمر و اقبال و ارتقای عزّ و اجلالِ خسروِ همایونِ دریا نوالِ قلزم قدم قدر مجال المنعوت بصفات الجمال [والجلال] ضیاء الملک والملة والدّین امیر الامة والمومنین ظلّ ربّ العالمین امام رعیة المسلمین جناب سلطان عبدالحمید اورنگ آرای ممالک محروسه کل ملک ترکستان و عربستان صانه الله عن الفتن والحدثان[۵]. دستی در درگاهِ احدیت و بازوی مسلتی در بارگاهِ صمدیت دراز نمای ...... بر تختِ کامرانی بمراداتِ جاودانی الی یوم القیام بحرمتِ انبیاء عظام و خلفاء کرام و اولیاء ذوی الاحترام سلامت دارد و نقطهٔ مرکزِ حکومتش روز بروز وسیع و کشاده کناد بالنّون والصاد.

---

۱ سجنجل = آئینه

۲ جمع "خبیئه" بمعنی تخمهای که در انبار باشد. اینجا مراد اسرار است

۳ جمع "خفیئه" بمعنی اسرار و پنهانی ها   ۴ [ ] این عبارت در اصل مرقوم نیست.

(ميان علي اصغرشاه جي تصديق موجب اهو خط ترڪي جي سلطان تائين پهچايو ويو. ميان علي اصغرشاه پوءِ اهو مسودو پنهنجي والد ماجد جي اعليٰ سياسي تدبر جي يادگار طور سنڀالي رکيو. ١٩٣٠- ١٩٣٥ع واري عرصي ۾ جڏهن انگريزن طرفان جناب پير صاحب صبغت الله شاه ثاني (شهيد) جي خلاف سازشون شروع ٿيون ۽ پير صاحب جن کي نظربند ڪيو ويو، تڏهن ميان علي اصغرشاه پنهنجي والد ماجد جي انگريزن بابت راءِ ۽ سندن طرفان انگريزن خلاف ترڪي جي سلطان ڏانهن سندن خط جو ذڪر حاجي موسيٰ وساڻ سان ڪيو جيڪو وڪيل ۽ وينڊر هو ۽ ان وقت درگاه جي خدمت ۾ هو. اها ڳالهه ميان علي اصغرشاه جي زباني ٻين خاص فقيرن تائين به پهتل هئي. البت ميان علي اصغرشاه اهو راز ڪنهن کي ڪونه ڏنو ته ڪوان خط جو مسودو وٽن محفوظ آهي. جڏهن سنه ١٣٥٤ هجري (١٩٣٥ع) ۾ ميان علي اصغرشاه وفات ڪئي ته سندس ڪاغذات ۽ ڪي نوادرات منشي محمد پريل ياٽ وٽ سنڀالي رکيا. ان بعد انگريزن خلاف جدوجهد جي نتيجي ۾، پير صاحب صبغت الله شاه سورهيه سرڏيئي سرهو ٿيو، وڃان ڪئين سال پڄي ويا. تان جو موجوده پير صاحب جناب شاه مردان شاهه مسند نشين ٿيو. انگريزي حڪومت جي خاتمي ۽ درگاه جي ٻيهر آباد ٿيڻ بعد حاجي موسيٰ وساڻ ڪنهن موقعي تي ميان علي اصغرشاه جي خط بابت ٻڌايل ڳالهه جو ذڪر ڪيو. درگاه جي پيش امام مرحوم مولوي محمد صالح جن کي به اها خبر هئي جو انهيءَ خط جو ذڪر روايت طور هلندو پيئي آيو. منشي محمد پريل (جيڪو درگاه جو مخلص مريد ۽ موجوده پير صاحب جن جو شروع کان وٺي منشي ٿي رهيو آهي) اها ڳالهه ٻڌندي خيال آيو ته ميان علي اصغرشاه جا ڪي ڪاغذ اتي جيڪي هن سنڀالي رکيا هئا، تن ۾ ڪو خط به هو. جيتوڻيڪ منشي صاحب کي خط جي مضمون بابت ڪا ڄاڻ ڪانه هئي. سو وڃي اهي رکيل ڪاغذ جانچيائين ۽ اهو فارسي ۾ لکيل خوش خط مسودو آڻي مرحوم مولوي محمد صالح کي ڏنائين. اها ڳالهه ١٩٥٨- ١٩٥٩ع ڌاري جي آهي. مولوي صاحب جن خط کي جانچڻ ۽ ڏسڻ بعد خط جي اهميت ۽ تاريخي حيثيت بابت منشي محمد پريل کي آگاه ڪيو، ته:

هي انهي خط جو مسودو آهي، جيڪو اسان پڊ ند اپني آيا سي ته پير سائين تخت واري ترڪي جي سلطان ڏانهن لکيو هو؟ مولوي محمد صالح پوءِ خط جي اهميت جي مدنظر درگاه جي مدرسي جي معلم مولانا تقدس علي جي معرفت سڪرمان ان مسودي جا عڪس نهرايا ته جئن اهلِ علم کي موڪلجن ۽ خط جي ادبي عبارت جو شروع کان آخر تائين مطالعو ڪري سگهجي. اهو مسئلو زير غور رهيو جو مولوي محمد صالح بيمار ٿيو ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ گذاري ويائين. ميان علي اصغر شاه جو دستخط اصل مسودو مولوي صاحب مرحوم ڪٿي رکيو سو معلوم نه ٿي سگهيو. البت ان اصلي مسودي جو هڪ عڪس جيڪو مولوي محمد صالح صاحب .... نلائي کي ڏنو هو، سوئي محفوظ رهيو آهي)

سندن بلند اخلاق ۽ ڪردار

پير سائين حزب الله شاه پاڻ ١٨- شوال سنه ١٢٥٨ھ ۾ تولد ٿيا ۽ دستور موجب فارسي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪيائون. نهايت حسين خليق ۽ سخي هئا. سخا جي ذات سندن سرشت ۾ سمايل هئي جنهن ۾ ڏيا ۾ سندن تصوير پنهنجو مٿ پاڻ هئي. سنه ١٢٦٣ھ کان سنه ١٣٠٨ھ تائين، اٽڪل ٤٥ ورهيه پاڻ مسند نشين رهيا. هن عرصي ۾ پنهنجي علمي ۽ روحاني فيض سان گڏ، سنڌ جي مهمان نوازي ۽ سخاوري سنت کي جڻ هميشه لاءِ جاري ڇڏيائون. بيشڪ پير صاحب حزب الله شاه جن سنڌ جا حاتم طائي هئا. ڪن سوالين صرف آزمائش لاءِ پير صاحب جن کان سندن چڙهي جا پيارا ۽ پلاگهوڙا ۽ اٺ اچي ٿي گهريا ته انهن کي اهي وهٽ سنجن سازن سان سينگاري في سبيل الله ڏيئي ٿي ڇڏيائون. سندن لکن جي آمدني هوندي به اهو حال هو جو هر روز جيڪي هٿ ۾ هوندو هون، سو خدا ڪارڻ لٽائي ڇڏيندا هئا ۽ شام جو پنهنجي ذاتي ضرورتن واسطي به ڏيئي تي توڪل رکي ويهندا هئا. صبر، شڪر، رضا، تسليم، توڪل ۽ استغنا سندن اخلاق جا جزا هئا ديسي حميت ۽ قومي غيرت سندن عملي ڪردار جا نمايان رخ هئا. سنڌ تي انگريزن جي غاصبانه قبضي ۽ تسلط خلاف سڀ کان پهريائين پير صاحب جن قومي غيرت جو جذبو جاڳايو ۽ پٽ

ترڪيءَ جي سلطان کي لکيو.

پاڻ وڏا شهسوار، توبچي ۽ فنِ تعمير جا ڄاڻو هئا. نقاشي، ڪاشيگري ۽ خوش نويسيءَ ۾ ڪين وڏي دسترس هئي. فارسي مطالعي سان سندن وڏو چاهه هو. پنهنجي والد بزرگوار جي سنڌي ڪلام سان کين خاص محبت هئي. اسان حضرت ”اصغر“ جي ڪلام جو هڪ قلمي نسخو ڏٺو، جيڪو پير سائين حزب الله جو ذاتي نسخو هو ۽ جنهن تي سندن مطالعي جا ڪي نشان توڙي دستخط ٿيل هئا. فارسي زبان جا ته خود پاڻ وڏا شاعر هئا. نهائي طور پنهنجو تخلص ”مسڪين“ ڪيائون. فارسي گو شاعرن جون وٽن محفلون ٿينديون هيون. بهاءالدين ”بهائي“ محمد عاقل ”عاقل“ مولوي نبي بخش ڪلاچي، سندن پنهنجو فرزند ميان علي اصغرشاهه ۽ ٻيا هنن محفلن ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ دل گهريا داد حاصل ڪندا هئا. پنهنجن فارسي غزلن کي ”ديوان مسڪين“ ۾ پاڻ مرتب ڪيائون[1].

ديوان ۾ شامل ڪي نهايت چيدا ۽ عمدا غزل جناب پيرصاحب جن جي حسن طبع فارسي داني ۽ سندن دور ۾ فارسي شعر ۽ ادب جي اعليٰ ذوق جي شاهد آهن. سندن ڪي غزل پيشه ور ڳائڻن. ان وقت ۾ وڏي هنرمنديءَ سان محفل ۾ ڳايا[2]. سندن شعرن ۾ استاد ۽ والد لاءِ احترام جو جذبو ۽ پڻ سندن پنهنجي خوداعتمادي، توڪل ۽ استغنا جو اظهار آهي.

---

[1] غالباً پنهنجي نگرانيءَ هيٺ ”ديوان مسڪين“ جا اعليٰ خوش خط نسخا لکرايائون. پير ميان علي محمد راشدي ٻڌايو ته ”ديوانِ مسڪين“ جو هڪ قلمي نسخو ڏٺو هئائين، جيڪو نهايت خوشخط، ڪشميري ڪاغذ تي سنڌي تختي تي لکيل هو. خط ايترو پڪو هو جو ڄڻ ڪنهن ايراني ڪاتب جو لکيل هو. ديوان جا ٻيا عام نسخا به اسان ڏٺا آهن پر نقل جا نقل آهن ۽ ڪاتبن جي غلطين سببان شعر ۾ سقم آيا آهن.

[2] ڏوڪريءَ جي هنرمند رقاصه ۽ ڳائڻي نوابيءَ ”ديوان مسڪين“ جو هيٺيون غزل اهڙي ته الحان ۽ لئي سان ڳائيندي هئي جو محفل ۾ ٻڌندڙ وجد ۾ ايندا هئا.

زعشق لاله گون گرديد دامن لاله زارِ من ٭ زمن صد آفرين بادا بچشم اشڪبارِ من

للہ الحمد کہ مسکین چوں علی گوہر یافت
بارک اللہ چہ عجب پشت پناہی دارد

بہ مسکین دولتِ حل المعانی
زفیضِ خدمتِ استاد دادند

للہ الحمد زانک مسکین را
ہر شب اندر وصال می گردد

پائمالِ بلا شود مسکین
دولتِ کش چنیں دبیر بود

پير صاحب جن جي تلقين ۾ 'فيض' ۾ سندن رضا، تسليم ۽ توڪل واري قلندرانه شان جماعت ۾ ڪيئي وڏي حال وارا فقير پيدا ڪيا. فقير محمد عمر لوهار هڪ ڪامل فقير هو. اسمٰعيل فقير ڳاهوٽي وڏي حال وارو هو. پياري فقير تيوٽي (رگ شاه پور چاڪر) سندن تلقين ۾ هدايت وارن نڪتن ۽ گفتن کي گڏ ڪري سنڌي ۾ 'ملفوظات' مرتب ڪيئي.

پير صاحب جن سنڌي شعر ۽ ڪافين جي خوبي کان باخبر هئا. پنهنجي والد پير سائين 'اصغر' جي سنڌي ڪافين جو هڪ قلمي مجموعو (جيڪو خود پاڻ لکيائون يا لکارايائون) سندن مطالعي هيٺ رهندو هو. راقم کي اهو قلمي نسخو دستياب ٿيو هو ۽ ان جي اندر رئين سرِ ورق تي پير صاحب حزب الله شاه جا پنهنجا دستخط ٿيل هئا. پاڻ "جماعت جو راڳ" ذوق سان ٻڌندا

هئا. محراب نقير شر (وفات ١٣١٣ھ) خوش آواز هو ۽ سندن حڪم تي مولود يا مداح پڙهندو هو. بعضي ياڻ فرمائيندا هئا ته فقير! "اغثني ياسيد ارسل يا نبي خير البشر" واري مداح پڌاءِ.

سندن شفقت ۽ قرب ڪيترن ئي محبتن کي شاعري جي ذوق سان مالا مال ڪري ڪانئن محبت پريا ڪلام چوايا، جيئن:-

- خليفو نبي بخش لغاري
- سيد فاضل شاه 'فاضل' حيدرآباد جو.
- سيد مهدي شاه بخاري، ميرواه گورچاڻي جو.
- مولوي عبدالقادر سولنگي، درگاه جي جامع مسجد جو پيش امام، جنهن 'عبد القادر' جي نالي سان محبت پرين ڪافيون چيون، ۽ 'عبدي' جي تخلص سان 'ديوان عبدي' جوڙيو.
- سيد سليمان شاه بخاري
- پير حسن بخش صاحب جيلاني ڏنڙي (تعلقو شهداد پور) جو
- بيدل فقير انڙ، تعلقو شڪارپور

پير صاحب جن جي فيض ۽ هدايت توڙي سندن قرب ۽ شفقت سيني معتقدن جي دلين ۾ ادب محبت بلڪ عشق جو جذبو جاڳايو، جنهن جو اظهار هنن پنهنجن ڪافين ڪلامن ۾ ڪيو. ميرواه گورچاڻي ضلعي ٿرپارڪر جو بزرگ سيد مهدي شاه بخاري (وفات جمادي الثاني ١٢٩٧ھ) سندن مريد هو. سنه ١٢٩٧ھ کان اڳ پير صاحب جن جڏهن لاڙ واري سفر ۾ مهدي شاه جي دعوت قبولي اچي ويا ته ان خوشي ۾ مهدي شاه هيٺين ڪافي چئي جيڪا "جماعتي راڳ" ۾ مشهور ٿي وئي.

شڪر آ الحمد لله يار گهر آيو منهنجي
يار گهر آيو منهنجي دلدار گهر آيو منهنجي

١- آءُ صدق قربات تنهن تان دم ۾ لک واري ثيان
صاحبِ لولاک سو سردار گهر آيو منهنجي

٢- هجر غم دک در د دل جادور کيا داتا سيي
ٿيون خوشيون ۽ شاديون غمخوار گهر آيو منهنجي

٣- تخت چتر کلنگي مُنگهت محبوب منهنجي لئي مدام
ياعلي د لدل چڙهي هسوار گهر آيو منهنجي

٤- جن ڏنو ديدار 'مهدي' ديد مرشد جو کمال
خوب حزب الله بڌي دستار گهر آيو منهنجي

پيرحسن بخش صاحب جيلاني (ڏُنڙو، تعلقو شهداد پور ضلعو سانگهڙ) جو به پير صاحب جن سان عشق هو، ۽ انهيءَ عشق ۽ محبت ۾ هيٺيون ڪلام چيا ئين ته:-

اسان جي شاه جو ثاني نڪو چمند ونڪو جايو

١- شهنشاه شاه شريعت جو، توکل ۽ طريقت جو
هميشه حال حقيقت جو، معرفت مرد مرڪايو

٢- سيّد صاحب سخاوت جو، دوله در ياء رحمت جو
قطب ڪامل ڪرامت جو، مڪمل مير ساما يو

٣- هادي مرشد هدايت جو، والي ورنه ولايت جو
ابرِ باران عنايت جو، سيّد اچي دين سمجهايو

٤- حسن بخش مرد موچارو، آهي ڪُل پير پاڳارو
قادر سان قرب قرارو 'الف' جنُ 'لام' سان لايو-

سيد سليمان شاه (ڳوٺ وڳڻ، لڳ اسٽيشن ڪوٽ لعلو) پير صاحب جن جو نهايت پيارو مريد هو،

سليمان شاھ وٽ مرشد جي محبت ۽ ادب جي اھا منزل ھئي جو جڏھن پير ين پيادو درگاھ تي ايندو ھو تہ پنڌ ۾ لاٽل جُتي چيلھ جي پويان ٻڌي ڇڏيندو ھو، جاڪاڻ جو درگاھ سامھون ھئي، ۽ وري جڏھن ورندو ھو تہ جُتي چيلھ جي سامھون ٻڌندو ھو جو درگاھ پُٺتان ھئي. سليمان شاھ عشق ۾ قربانيءَ واري جذبي ھيٺ نئين ’فرق طريقي‘ ۾ داخل ٿيڻ پير صاحب جن کيس منع ڪئي، پر سليمان شاھ جو عاشقي ۾ قرباني واري پڙ ۾ پير رکيو، سو وري ليڪو لتاڙي ٻاھر نڪري نہ سگھيو. انھيءَ تي سليمان شاھ سان پير صاحب جن ڪاوڙيا ۽ کيس درگاھ تي اچڻ کان منع ڪيائون. درگاھ تي اچڻ کان منع جي معنيٰ تہ کيس مرشد جي ديدار کان منع ٿي. انھيءَ سڪ ۽ ڏک ۾ سليمان شاھ وڏي سوز مان ڪافيون چيون، جيڪي مشھور ٿي ويون. انھن مان ھڪ ھيءَ تہ:

ڏس ڪوڏ انُ جنھن سان توکي پرچايان

توکي پرچايان، توکي سر چايان

١- ٿيان مومن نيڪ نمازي، جنھن ۾ جانب تون ٿئين راضي

جامع جوڙايان، ڪنڌ ڏونمايان

٢- ٿيان ھندو پوڄان بتخانا، دوارڪا، ڪاشي جاوان جمنا

تلڪ لڳايان، جٽيون پايان

٣- ٿيان ناچو پھريان پيشوازا، ڏڪڙ ڏمچ ساز آوازا

ڦيرڙيون پايان، چيريون چمڪايان

٤- پاڻ پيارل ڪر پرچائو، ساڻ سليمان ٿيئي سرچائو

لائق ناھيان تہ بہ تنھنجو ئي آھيان

وفات:

جناب پير صاحب حزب الله شاھ جن خميس جي بلڪل شام جو ٤ تاريخ يعني جمعي جي رات

محرم مهيني جي پنجين تاريخ سنه ١٣٠٨ھ (٢١- آگسٽ ١٨٩٠ع) ۾ وفات ڪئي. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ. ان وقت سندن عمر فقط پنجاهه سال هئي، جو حاسد دشمن بالآخر حيلي ۾ مڪر سان زهر قاتل جو پيالو سندن پيٽ لاءِ پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. هو پيرا اڳ ناڪامياب ڪوششون ڪيون ويون هيون، ۽ هيءَ ٽيون پيرو هو جو ڪين زهر ملايل پيالو مليو هو. ان وقت اها خبر عام و خاص ۾ مشهور ٿي وئي. ڪنهن درد مند ان حادثي تي ڪافي چئي، جنهن جي هڪ مصرع هن طرح هئي ته:

ٽيين پيري زهر ڏنائون، جو ڪيون هيون چوڏار
چور بيٺا هئا چاري چاري

يعني ته ٽيون پيرو دشمن وڏي حرفت ۽ دغا سان زهر ڏنو ۽ سندن جاسوس چوڌاري سندن شهادت جي انتظار ۾ رهيا. پاڻ اهو پيالو پيئندي چيائون ته ؛ هي تقدير جو فيصلو آهي. ان کان اڳ آسمان ۾ اس وقت 'پڇڙ تارو' اڀري لڳو هو. پاڻ پنهنجي فرزند ميان علي اصغرشاهه کي سڏ ڪري گهرايائون ۽ 'پڇڙ تاري' کي جانچيندي ان بابت گفتگو ڪيائون. ميان علي اصغر شاهه چيو ته اتلا، ائين چوندا آهن ته جڏهن 'پڇڙ تارو' ظاهر ٿئي ته ڪو وقت جو غوث يا حاڪم جهان ڇڏ يندو. جواب ۾ فرمايائون ته ؛ اهو مان هوندس. سندن اهي الفاظ اظهار نعمت ۾ پڻ حقيقت جو آئينو ثابت ٿيا.

سندن وفات سند ۾ ان وقت جو هڪ وڏو دل ڏکوئيندڙ واقعو هو. جماعت تي جڻ غم جا ڪڪر ڇانئجي ويا. ڪي نقير جن جي ساڻن مريدي ۽ عقيدت عشق واري درجي تي پهتل هئي، سي هيءَ خبر ٻڌي غش ٿيا ته وري هوش ۾ نه آيا ۽ جهان ڇڏيائون. حضرت پير صاحب غريبن محتاجن ۽ سائلن جو پير جهلو هو، سو اڪثر ماڻهو سندن ڏک ۾ رنا. پير حسن بخش صاحب (ڏنڙو، تعلقو شهدادپور) هيئين درد ڀري ڪلام چيو ته:

شاهه حزب الله لئي، ساري ملڪ ۾ ماتام ٿيو

١- موج محبت جو پيالو، ڪوثري پُر جام ٿيو
سان پيڻ پرجام جي اثبات هي الزام ٿيو

٢- سو سيد حزب الله شاهه شهيد امام ٿيو
عرش ڪرسي زلزلو، ارض وسما ۾ قيام ٿيو

٣- ماڻهن جنهن پرين کي ترتئون زهر طعام ٿيو
سيد سندي سڪ سوز ۾ سيني سمهڻ حرام ٿيو

٤- سرتاج راهه واڪا ٿيو، جنهن ڪربلا ۾ قتلام ٿيو
تنهن ڏک پاڳاري پير جا جي سورهن ۾ مدام ٿيو

٥- تن تي لعنت آخدا جي، جن ڪرڻ ڪئون هي خلام ٿيو
شاهه شهادت کي رسي رچي جا من سند وچام ٿيو

٦- هئي حسن بخش دم دلبر جو نت صبح وشام ٿيو
درجو شاهه حسين جو هن عاشق کي انعام ٿيو

ديني، علمي ۽ ادبي حلقن ۾ غم جي لهر ڇانئجي وئي. خاص مان جن به ڪين هڪ پير وڏو ته هو، سي سب سنڌ صورت ۾ سيرت جا قائل هئا، ۽ سندن وفات جي خبر سڻي لاءِ هڪ صدمو هئي. انگريزن جا سڄڻ، خيرخواه ۽ وڏا ڪامورا جيڪي ان وقت طاقت جي نشي ۾ گم هئا ۽ زمين تي سندن نظر ڪا نه هئي ۽ انگريزن آڏو پاڻ وڻائڻ لاءِ پير صاحب جن سان مخالفانه معاندانه رويو اختيار ڪيو هئائون، تن مان به جن پير صاحب جن کي ڏٺو هو، سي هن صدمي کان متاثر ٿيا. سکر جو خان بهادر خدا داد خان جيڪو ان وقت سنڌ جي ڪمشنر جو مير منشي هو، تنهن تي جيڪو اثر ٿيو سو پوءِ پنهنجي ڪتاب "لب تاريخ سنڌ" ۾ هن طرح بيان ڪيا ٿئين:

دران سال قضیۂ نامرضیہ مرحوم پیر محمد حزب اللہ شاہ صاحب
کہ از بس خلیق و کریم و حسین بودند بوقوع انجامیدہ
وجای نشین شان پسر اول شان مرحوم پیر سید علی گوہر شاہ
شد. لہ

(ان سال پير محمد حزب الله شاه صاحب جيڪو نهايت خليق، سخي ۽ صورتوند
هو تنهنجو دل ڏکائيندڙ قضيو ٿيو)

سَيّد فَاضل شاه حَيدر آبَاديُ جو چيل مرثيو

[مرحوم ماستر محمد صديق گلاب خان مسافر ”ديوان فاضل“ ڇاپي لاءِ تيار ڪيو ۽ ان جو
تفصيلي مقدمو لکيو، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته: سائين حزب الله شاه عليہ الرحمة جي رحلت تي
سائين فاضل شاه هڪڙو دردناڪ قصيدو ٺاهيو هو، جو مرت سائين فاضل شاه جي جيڙي
سندس هڪڙي بياض ۾ ڏٺو هو، مگر افسوس جو اهو بياض هينئر گهٽي ۾ گولها ڳولها ڪندي
به هٿ اچي نه سگهيو“. (ديوان فاضل، ڇاپيل سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، سال ١٣٥٦هه/١٩٣٧ع، مقدمي جو
حاشيو صفحو ١٤٦). افسوس جو مرحوم مسافر کي هي نظم ملي نه سگهيو، نه ته ”ديوان فاضل“ ۾ صحيح
صورت ۾ ڇپجي وڃي ها. البت اتفاق سان ان جو نقل پاروچي باغ (ضلعو حيدرآباد) جي مولوي
عبدالله فقير ابڙي وٽ محفوظ هو، جنهن جي ذريعي فاضل شاه جو چيل هي ناياب نظم رسالي ”الراشد“
(درگاه حضرت پير صاحب پاڳارو) ۾ ڇپيو (رسالو الراشد. ٽن مهينن ماه ذوالحج ١٣٩٩هه ۽ محرم،
صفر ١٤٠٠هه جو گڏيل نمبر). جيئن ته هي مرثيو، اصل تان نقل ٿيندو آيو، تنهن ڪري ان ۾
ڪن جاين تي نقص رهجي ويا، جن کي چورس ڏنگين [ ] ۾ درست ڪيو ويو آهي]

لہ لب تاريخ سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٣٧٨هه/١٩٥٩م، ص ٢٤٦

١- نوڙمان نروار نوري، نور نرمل بينظير
مصطفیٰ مرسل سند و شمس الضُّحیٰ بدر المنير
مرتضیٰ جو مان مسند، مجتبیٰ جو ماه مير
ڪربلا جي شاه جو اعلیٰ عجب افضل امير
سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير
جُوءِ ۾ جنّات عدن جي ٿيو شه جاڳير

٢- "اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللهِ" آيت جو عمل[1]
حرف حقاني حقيقت ۽ هدايت جو عمل
علم ۽ معمول اعمل ۽ عنايت جو عمل
"ذَالِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ" ۽ "ذَالِكَ الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ"[2]
سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير
جُوءِ ۾ جنّات عدن جي ٿيو شه جاڳير

٣- سنڌ جو سينگار صاحب شان شاهي شاه جو
متقي مرشد مٺو عارف ولي الله جو
منجهه ٿرن بحرن برن پيو ديد پودانا جو
چا حيا ۽ حِلم هاڻو چا سخاوت ۾ سڌير
سيّد السادات سيد شاه حزب الله پير
جُوءِ ۾ جنّات عدن جي ٿيو شه جاڳير

---

[1] سورة دهر جي آيت ٢٩ ۾ اسان اوهان کي الله ڪارڻ کارايون ٿا (پير صاحب جن جي مهمان نوازي ۽ سخاوت ڏانهن اشارو) [2] سورة پهرين توبه جي آيت ٥١ "اها اعلیٰ ڪاميابي آهي" ٻي سورة بروج جي آيت ٣٠ ۾ "اها وڏي ڪاميابي آهي" (پير صاحب جن جي اعلیٰ خوبين ۽ ڪاميابين ڏانهن اشارا).

۴:- پير سائين پُرس پاڳارو پيارو پرت سان
ناموَر نافع نسور ونعمتن جي نرت سان
باڪمالت ڪامل ۽ هوشيار هر ڪنهن ڪرت سان[1]
دين دنيا ۾ دلاور، دل پيارو دل پذير
سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير
جوءِ ۾ جنّات عدن جي ٿيو شه جاگير

۵:- خلق جو خورشيد خاور منجهه مروّت ماهتاب
پاديائين آتِ ذِی القُربیٰ پڙهي خاص و خطاب[2]
حق المسڪين مان سهڻو لڌائين سي ثواب[3]
لن تنالوا البرّ حتیٰ تنفقوا سر مل نصير[4]
سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير
جوءِ ۾ جنّات عدن جي ٿيو شه جاگير

۶:- خواهش هوندي خصاصة ياد آئي يؤثرون[5]
بُخل کي پوڙا ڪري فمن يوق پاڙي ينفقون[6]
شُحّ نفسهٖ سي مُفلح ٿيو منجهه مُفلحون[7]
سر بسر سيّد سخا جو شاه سينگار يو سرير[8]
سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير
جوءِ ۾ جنّات عدن جي ٿيو شه جاگير

---

[1] هر ڪنهن ڪرت سان ۽ هر ڳالهه ۽ هر فن ۾ (۲) سورة "روم" جي آيت ۲۱ ۽ عزيزن قريبن، يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن کي (جيڪي مدد جا محتاج آهن) ڏيو. (۳) سورة جي آيت. (۴) سورة الحشر جي آيت ۲۸.
(۵) (۶) (۷) (۸) (۹) (۱۰) سرير ۽ تخت

٧- جُودَ ۾ جَوّاد اَجُودَ پڻ ڪرامت ۾ ڪريم[1]
ويو وتاڻن ڪونه ڪو سائل سُوالي ۾ سقيم
جا سخاوت، جا مروت، جا سندن خُلقِ عظيم[2]
پير پاڳارو پيارو [ولهن جو واهر نصير][3]

سيّد السادات سيّد شاهه حزب الله پير
جو ۾ جنّات عدنِ جي ٿيو شه جاگير

٨- پيشوا پيرن سندو ۽ پڻ امامن جو امام
شاهه جي درگاهه ۾ ڪيڻ واڇي سيني سلام
ڏس شهادت جو سر يو تنه مير کي منزل مقام
يا ته شبّر جي شهادت، يا شهادت ۾ شبير

سيّد السادات سيّد شاهه حزب الله پير
جو ۾ جنّات عدنِ جي ٿيو شه جاگير

٩- مرد مهدي لئي مريدن، مالڪ ۽ مرشد مبين
ڏئي امانت علم جي ارشاد اعظم سان آمين
عارفن عِلمُ اليَقِين، عَينُ اليَقِين، حَقُّ اليَقِين
پيروي وارن پياري شير شربت شهد شير

سيّد السادات سيد شاهه حزب الله پير
جو ۾ جنّات عدنِ جي ٿيو شه جاگير

---

[1] جود = سخاوت، جوّاد = تمام وڏو سخي، اجود = سڀني کان وڏو سخي، ڪرامت = سخاوت. ڪريم = سخي [2] خلقِ عظيم اعلىٰ اخلاق ۽ ڪردار [3] اصل ۾: پاڳارو پيارو، ضعيفن جو واهه نصير،

١٠:- ح - حقيقت حسن حيرت حال حزب الله جو[1]

ز - زوائد زاد، زينت مال حزب الله جو[2]

ب - بلاغت بحر برڪت بال حزب الله جو

١ - اعظم اسم اڪرم ڪرسندن هو ڪاڄ ڪير

سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير

جو ءِ جنّات عدن جي ٺيو شه جاگير

١١- ل - لا ڏاتو محترم مڪيو ڏس آفتاب

ل - لاشڪ لوڪ ڪاٽ منهن ڪي لڪايو ماهتاب

هه - هلي هُن هنڌ م جاڳه ڪئي جانب جناب

ش - شُهدا صالحن جي صف سندو وَرنهُ وزير

سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير

جو ءِ جنّات عدن جي ٺيو شه جاگير

١٢- ا - اُسريو پير پنجين پٽ جمي جي رات ۾

هه - هميشه هوئي جي هي ڪريو هيهات ۾

ساه ڪي شب روز ساڙيو سار جي سڪرات ۾

ويل هر ڪنهن واهجي نيڻن منجهان نِت نار نير

سيّد السادات سيد شاه حزب الله پير

جو ءِ جنّات عدن جي ٺيو شه جاگير

---

[1] هن ست ڪافي ۾ پير صاحب جن جي نالي حزب الله شاه وارا اکر (ح ز ب ا ل ل ه ش ا ه) سلسلي وار آندل آهن.

[2] زوائد زاد مال، نفلي عبادت جي ڪا فاداالمال' طور اڳتي جو توشو ٿئي.

١٣. ”كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ“ جي سٽ سبق پرين پڙهي[1]
[ٿيو بقا جو مستعدُّ هي جڏي] مفلس مڙهي[2]
فرس فردوسيءَ مٿي چڙهي پهلي چتون چڙهي[3]
مون مانع ٿيو نه مشفق ملڪ منڪر نڪير

سيد السادات سيّد شاه حزب الله پير
جوءِ جَنّات عَدنِ جي ٿيو شه جاگير

١٤. تير هَنِ سوآن ۾ ٿيو واه واحد جو وصال
هوت کي حاصل هميشه جوءِ جنّت ۾ جمال
قرب ڪامل باڪمالتَ زود زائل ٿيو زوال
عين عِلّيين ۾ سو راهڪو روشن ضمير[4]

سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير
جوءِ جَنّات عَدنِ جي ٿيو شه جاگير

١٥. مصطفيٰ مهندار تي صلوٰة برڪت سين سلام
خلق ۾ خيرالوريٰ پڻ انبيائن جو امام
تو پڙهي بخشي پلار ت قرب مان ڪلو ڪلام
فرض جاڻي فيض ڪارڻ فاتحهٔ فاضل فقير

سيّد السادات سيّد شاه حزب الله پير
جوءِ جَنّات عدنِ جي ٿيو شه جاگير

---

[1] سورة قصص جي آيت - ٢٠ ء هر شيءَ فاني آهي [2] اصل سٽ: مستعد لقا جو ٿيو جڏي هي مفلس مڙهي -

[3] فرس ء گهوڙو [4] سورة ”مصطفين“ جي آيت - ٣٠

قطعه بتاريخِ در وفات حضرت پير صاحبؒ صاحبِ دستار آن در روزِ وفات بحاضري دربار گفته شد

جناب صاحبِ دستار پير حزب اللہ — ولیِ کامل و مردِ خدا و پیرِ جہان
سخی و صاحبِ سجّاده و سلیم القلب — وفیّ و وافیّ و واقف ز رازہاے نہان
ہمہ خصال حمیدہ از و کمال گرفت — سخا و شرم و وفا و مروّت و احسان
چہ صورتیکہ ہزاراں ہزار معنیٰ داشت — چو او نزاد نزاید ز مادرِ دوران
بدر کشید ہمہ خلق از خودی بخدا — چو گشت ساقیِ جامِ محبّتِ یزدان
بہ صبر و شکر و رضا و توکل و تسلیم — بہ عشق و شوق و محبّت مدام با وجدان
شده است وردِ زبان لا الٰہ الا اللہ — بہر کجا کہ بہ بینی از و لبعا لمیان
جہان و ہر چہ درو عاشقِ جمال شده — زجانؔ و دل دل و جان ساختہ برو قربان
ز ملکِ سند چہ گویم کہ تا ممالکِ ہند — اسیر دام کرمہاے اوست پیر و جوان
ز برقعِ بشریِ رُخ نمود شاہدِ غیب — ہزار غمزه ہمی زد بصورتِ انسان
چون شاعران نہ درینجا مبالغت کردم — بَہائیا! سخنِ راست گفتم از دل و جان
قلم قصیر ز تحریرِ نیک اوصافش — ز صد ہزار یکی کم توان نمود عیان
پئی تولّدِ او سالِ "مردِ شوقِ خدا"[1] — بروز ازمہِ شوال ہژدہم می خوان
بظہر چارمِ عاشوره نیک روزِ خمیس — ازین جہان بجہانِ جنان کشید عنان

---

[1] "مردِ شوقِ خدا" جو عدد ۱۲۵۵ بيهي ٿو (؟) حالانڪ حضرت پير صاحب جن سال ۱۲۵۸ھ ۾ تولد ٿيا.

زردیٔ خود چو منور نمود جنّت را | بگفت سالِ وصالش خرد "چراغِ جنان"
جهان ز نورِ رخش دور تیره تر گردید | کشید سر ز ملک صد هزار آه و فغان
چنان محبّتِ او جا گرفت در دلها | که زار زار بهجرش گریست خورد و کلان
بهجر او دلِ زارم چه خاک خاک شده است | چه گویم از غمِ پنهان خدا گواست بر آن

بهائیا! چو چنین بود ارادتِ مولیٰ
خموش باش و صبوری گزین، مشو نالان

هن 'قطعه' جي عنوان واري عبارت مان معلوم ٿئي ٿو ته پير صاحب جن جي وفات واري ڏينهن 'بهائي' درگاه تي موجود هو، ۽ اتي ئي هي 'قطعه' منظوم ڪيائين. وفات جو وقت اڳين نماز کيس ڏينهن تاريخ چوٿين محرم، ڄاڻايو اٿس. وفات جو سال "چراغ جنان" (جنت جو ڏيو) مان ۱۳۰۸ھ نڪري ٿو.

ندانم از کجا آید همان غارتگرِ دلها　　بیک غمزه سناں ساز د ہزاراں جان بسملها
دریں وادیِ عشقش مے زنم آخر قدم امّا　　چو نقشِ ہر قدم باشند دریں راہِ منزلها
نمے دانی کہ در غفلت مگر افتادۂ برخیز　　کہ راہِ کارواں دور است بربندید محملها
بیا اے سارباں بنگر بزیرِ محمل افتادم　　کشم بر ناقہ چنداں کہ بسیارند محملها
بہ گردابی منم حیراں کہ داند حال ما امّا　　کجا گیرند دستِ ما سبکسارانِ ساحلها

اگر ساقی بمے باقی اشارت مے کند مارا
بروئے عاشقِ مسکیں نماید حل مشکلها

---

١ ـ خبر نہ آهي تہ اهو دل لٽيند ڙ ڪٿان ايندو؟ جنهن جي اک جي هڪ اشاري سان هزارين زخمي فنا ٿي وڃن.

٢ ـ عشق جي هن واديءَ ۾ آخر ڪيترو هلندس جتي وات جي هر وک منزل جي پري هجڻ جو پتو ڏئي.

٣ ـ تو کي خبر ڪانهي شايد غفلت ۾ پيو آهين. اٿي ڪجاوو ٻڌي تياري ڪر ڇو تہ قافلي جو سفر پري آهي.

٤ ـ او ساربان! اچي ڏس تہ مان ڪجائي جي هيٺان پيو آهيان. پاڻ ڪيترو نہ ڪرڻ لاءِ ڇڪيندس جو ڪجاوا مٿان گهڻا آهن.

٥ ـ درياءَ جي ڪُن (سير) ۾ ڏاڍو پريشان آهيان، ساحل تي لطف وٺڻ وارا، اسان جو هٿ ڪٿي وٺندا!

٦ ـ هائو جيڪڏهن ساقي، باقي شراب (عشق) سان اشارو ڪري تہ پوءِ مسڪين عاشق تي هر مشڪل آسان ٿي پوندي.

معطر کن ببوئے نافۂ کا خر دماغم را　　زمینا بادۂ گلگوں بدہ پر کن ایاغم را
زگردش این فلک پر کین چراغم روشنی بگذاشت　　زشمع خویش روشن شاز این مردہ چراغم را
بہ تسخیرِ شکار آمد چو یارم باکماں ابرو　　بہ تیرِ غمزہ بر دوزید ہر یک پرِ زاغم را
منم خستہ ز تیرانم کہ در قوس قزح دارد　　و لے از لب شفا جویم کہ مرہم قرحِ داغم را
صبا می گویمت بکشائے رازے با منِ شیدا
کجا شد کو بر دلجوئے از مسکینِ بلا غم را

١ - آخر منهنجو دماغ ڪستوريءَ جي خوشبوءِ سان ڀرِ گل جهڙي شراب سان منهنجو پيالو ڀر.

٢ - ساڙ ڪان ڀريل زماني جي چڪر سبب منهنجي زندگيءَ جو ڏيئو وسامڻ تي آهي،
هن وسامندڙ چراغ کي پنهنجي شمع سان روشن ڪر.

٣ - منهنجو محبوب ابروءَ جي ڪمان سان جڏهن شڪار لاءِ آيو ته اک جي تير سان مونکي شڪار ڪري
(يا قابو ڪري) ورتائين.

٤ - مان قوس قزح جي تيرن جو زخمي آهيان. پر چپن جي مرهم سان داغ ۽ ڦٽن ڪان شفا جو طالب پڻ
آهيان.

٥ - صبا! تو کي گذارش ٿو ڪريان ته مون عاشق سان راز ظاهر ڪر ته مون مسڪين جو غم تارينڌڙ
ڪيڏانهن ويو.

○

خطِ خوبی بگردِ گلعذارے کردہ ام پیدا — بہ تیرِ غمزہ اش جاں خود شکارے کردہ ام پیدا

عجائب سلسلہ زلفش مسلسل وارے باشد — کہ ہر یک تارِ مشکینش چو مارے کردہ ام پیدا

برائے آں مہ ظلمت زُدا پیرِ خرابا تم — درایں عین الیقین خود خمارے کردہ ام پیدا

برِ شیریں بجاں آریم با فرہاد فریادے — برائے عافیت کو غمگسارے کردہ ام پیدا

ولی اورا خدا خواندہ و شیرِ خویش فرمودہ — فتیٰ در شان او جا یک سوارے کردہ ام پیدا

ز ہجرِ آں گُلِ چو نم بمثلِ لالہ پر خونم — چو بلبل در قفس جاں بیقرارے کردہ ام پیدا

عجب کایں یار شوخ و شنگ و نازک طبع مے باشد — برائے آں گوہر باریک تارے کردہ ام پیدا

ہم از جور و جفائے کافرے دلبر بتِ عیار — دو چشمے خوں فشاں و اشکبارے کردہ ام پیدا

بتارِ زلفِ پیچ انداز دیدم خالِ ہندویش — تو گوئی نافہ مُشکِ تتارے کردہ ام پیدا

خطِ خوبی کہ می دارد بحُسنِ جاوداں دلبر — بحلقہ وار گردِ مہ غبارے کردہ ام پیدا

بہر دم بلبلِ مسکیں رُخِ گل را کند سجدہ
ہمے گوید کہ شاہِ تاجدارے کردہ ام پیدا

١:- محبوب جي ڳلن تي سھٽي ليڪ سمجھي اٿم، سندس نظر جي تيرسان پاڻ کي شڪار ڪيو اٿم.

٢:- محبوب جي زلفن جا پيچ عجيب آھن، سندس زلفن جي ھر ڪاري تار کي نانگ تصور ڪيو اٿم.

٣:- روشن چند جھڙي پنھنجي ميڪدہ جي پير لاءِ، پنھنجي عين اليقين ۾ خمار محسوس ڪيو اٿم.

٤. شيرين اڳيان، فرهاد سان گڏجي دل جي دانهن پيش ڪريون، جو عافيت جي واسطي اهو غمخوار رهڻ ڪيو اٿم.

٥. خدا تعاليٰ ڪيس پنهنجو ولي ۽ شيرسڏيو آهي، انهيءَ چابڪ سوار مرد جي شان ۾ فتيٰ جو لفظ ڳولي لڌو اٿم.

٦. انهيءَ گل جي جدائيءَ ۾ لاله جي گل وانگر رت سان ڀريل آهيان: بلبل وانگر پڃري ۾ منهنجي جان بيقرار آهي.

٧. اهو شوخ و شنگ محبوب نهايت نازڪ طبع آهي. انهيءَ عجيب گوهر کي پوئڻ لاءِ نفيس تار هٿ ڪيئي اٿم.

٨. ان بي پرواهه چالاڪ محبوب جي ظلم ۽ ستم کان ٻئي اکيون رت جا ڳوڙها وهائن ٿيون.

٩. سندس خالِ سياهه کي پرپيچ زلفن سان ڏٺم، ڄڻ ته تاتاري مشڪ جو ٻيڙو هجي.

١٠. محبوب جي دائمي حسن تي جيڪا سهڻي ساوڪ آهي، سا ڄڻڪ چنڊ جي چوڌاري غبار جو حلقو آهي.

١١. مسڪين بلبل هر وقت گل کي سجدو ٿي ڪري، ۽ ان کي پنهنجو تاجدار بادشاهه سمجهي ٿي.

اے زنوشِ یک قدح از بس کہ بیہوشیم ما　　ساغرِ صہبا بکف آریم و مدہوشیم ما
پندِ ما را در نمے گیرد کہ مستیم از اجل　　از خمِ عشقِ بتاں دائم قدح نوشیم ما
نشۂ دیشب فروگر دید حالم شد تباہ　　ساقیا! جامے بدہ تا در طلب کوشیم ما
بہر بخشیدن مئے اے ساقیِ گل فامِ من　　ہر گدائے را بیاد آری فراموشیم ما
لب بہ بندیم از فغاں کے نالہ و زاری ہنوز　　بس کہ در جور و جفائے یار خاموشیم ما
بس کہ بہرِ جرعۂ مے پیش اربابِ طرب　　خرقۂ سالوس در مے خانہ بفروشیم ما
ہر کسے عیش و طرب در بزمِ عالی جاہ کرد　　غفلتے ورزید کاندر خوابِ خرگوشیم ما
برمنِ مسکین نگاہی از کرم انداز زود　　ز آتشِ افلاس ہمچوں دیگ در جوشیم ما

١ - هڪ ئي پيالي پيئڻ سان بي انداز بيهوش ٿي ويا آهيون (محبت جي) شراب جو پيالو هٿ ۾ وٺندي ئي بيهوش ٿي ويا آهيون.

٢ - موت جي نصيحت اسان کي ڪهڙو اثر ڪندي اسان ته محبوبن جي عشق جي مٽ مان پيالا ڀري پيئي مست ٿي ويا آهيون.

٣ - ڪالهه رات جو نشو لٿو ته منهنجو حال هيٺو ٿي ويو. ساقي! پيالو ڀري ڏي ته طلب جي ڪوشش جاري رکون.

٤ - منهنجا گلن جهڙا ساقي! محبت جي شراب ونڊڻ وقت هر پينو ته ياد ٿيئي، وسريا به اسان آهيون.

٥ - آهه و فغان کان چپ ڪيئن سبي ڇڏيون. هائي ڪهڙيون آهون ڪجن. يار جي جفا ۾ ڏاڍي گهڻي ئي خاموشي اختيار ڪئي سون.

٦ - ذوق وارن جي هٿان شراب جي هڪ ڍڪ لاءِ اسان ٽڳيءَ جي پوشاڪ وڪڻي ڇڏيندا سون.

٧ - محبوب عالي قدر جي محفل ۾ هر هڪ عيش ۽ مسرت حاصل ڪئي. پر اسان ڪان غفلت ٿي جو خواب خرگوش ۾ رهجي ويا سون.

٨ - مون مسڪين تي جلدي نگاهِ ڪرم ڪر. سچائيءَ جي باهه کان ديگ وانگر جوش ۾ آهيون.

○

درمجلسِ ملوکاں چہ بود گذر گدا را — رازے نہ فاش گوید ہر غنچہ صبا را

ازمن مدار پنہاں ایں قصۂ درازت — با مدعی مفرما ایں رازِ آشکارا

پنہاں توچند سازی رویت کہ مہرِ آسا — بر عاشقاں توبنگر اے ماہ نونگارا

شیدائے دلبرانم گر روا زوہم بختار بند — اے مدعی مگرداں ویں جوروین جفا را

رواز رقیب گرداں برعاشقاں نظرکن — گاہے روا نباشد با اُوچنیں مدارا

افسردہ ام نگارا ! در آتشِ فراقت
رحمے بحالِ مسکیں اے شوخِ من خدارا

۱ ۔ بادشاهن جي محفل ۾ گدا گر جو ڪهڙو گذر؟ "مڪڙي" ڪنهن به تسم جو راز ظاهر هو اسان ته ظاهر نه ڪندي.

۲ ۔ مون کان ته پنهنجي ڏکي کهاڻي نه لڪاءِ ، ها مگر مدعي سان هي راز ظاهر نه فرماءِ.

۳ ۔ چند جهڙا محبوب ! پنهنجو منهن مبارڪ ڪيترو لڪائيندين . اوره لقا محبوب عاشقن تي نظرِ ڪرم ڪر.

۴ ۔ مان ته محبوبن جو عاشق آهيان . ڪڏهن به انهن کان منهن نه موڙيندس، مدعي خدا جي واسطي اهڙو ظلم نه ڪر.

۵ ۔ رقيب کان منهن موڙ ۽ عاشقن تي نظر ڪر. رقيبن سان ته ڪڏهن به اهڙي نرمي ڪرڻ نه جڳائي.

۶ ۔ سهڻا ! تنهنجي جدائي جي باه سبب پريشان آهيان. مٺا ! خدا جي واسطي مسڪين جي حال تي ڪجهه ته رحم ڪر.

بیا تو ساقی بکشا بند مینا را — بریز در قدحِ زرنگار صهبا را

شراب را بقدح ریختن بما دادن — چه فرصت است دریں کار ید بیضا را

شرابِ ناب بدور لبت اشارت کن — خبر دهیم ز لطفِ لبت مسیحا را

حضورِ ساقیِ خالص شرابِ انگوری — بود نصیبِ کم اندیشگانِ دنیا را

اگرچه زاهدے بکشاد دام پُر ز هوا — کجا بدست کند شاهباز دانا را

تو زاهد از سرِ سجدهٔ ریا بگذر — بدام مکر نگیرند مرغِ عنقا را

بصد ہزار فسوں دستِ کوتهانِ جہاں — نمی رسد بخم زلفِ عنبریں سا را

شراب خواستن و روئے یارِ خود دیدن
کجا گذارد مسکین ایں تمنا را

۱ ۔ ساقي اچ ۽ شراب جي محفل قائم ڪر ۽ سونهري پيالي ۾ (عشق جو) شراب پرت.

۲ ۔ پيالي ۾ شراب پرتي اسان کي ڏيڻ جي محبوب يد بيضا جي مالڪ کي ڪهڙي فرصت.

۳ ۔ پنهنجي (فرحت بخش) چپن سان صاف شراب عنايت ڪر ۽

جيئن تنهنجي لبن جي لطافت جي مسيح کي خبر ڏيون.

۴ ۔ خالص انگوري شراب، ساقيءَ جي بارگاه ۾ دنيا جي طالبن کي گهٽ نصيب ٿيندو آهي.

۵ ۔ جيتوڻيڪ زاهد، پنهنجي هوس پريل ڄاهي اڏي ۾ مگر هوشيار شهباز کي ڪٿي هٿ ڪري سگهندو!

۶ ۔ زاهد! ريا جي سجدي کان مٿو مٿي ڪڻ ۽ عنقا پکي مڪر ۽ فريب جي ڄاهيءَ ۾ ڪٿي ڦاسندو؟

۷ ۔ دنيادارن جو ڪوتاه هٿ لکين ٽڳين جي باوجود محبوب جي عنبر جهڙن زلفن جي وڪڙ تائين ڪٿي ٿو پهچي.

۸ ۔ محبت جو شراب گهرڻ ۽ محبوب جي زيارت جي تمنا هي مسڪين ڪٿان ڇڏيندو؟

○

در بارگاهِ شاهی افتد گذر گدا را — تا کے کفن نسازد این دلقِ بے ریا را
آں محرمِ حضور است وآں رستهٔ نشور است — هر کس که واگذارد هم حرص وهم هوا را
آں منگری بود، کو پندار دآں خمِ ابرو — همچوں کنشتِ کافر آں خانهٔ خدا را
آں کو که رنگ داند چشمے ود کور دانی — رنگ دگر نباشد جامِ جهان نما را
صاحب نظر بود کو دارد در دیده روئے — کے چشمِ کور بیند آئینهٔ صفا را
از مجلسِ صفات وذات آں گذر که باید — هم از فنا گذر کن یابی تو پس بقا را

ساقی بیار باده آں کو تبسّم آرد
مسکیں زمستیِ او درّد زتن قبا را

١ ـ شاهي درٻار ۾ گدا اگر جي حاضري ٿئي، ته پوءِ بي ريا گودڙي کي ڪفن ضرور ڪري.

٢ ـ ”حضور“ (اقدس) جو محرم راز ۽ ميدانِ حشر ۾ آزاد اهوئي آهي جيڪو حرص ۽ خواهش جي پڇر صفا ڇڏي ڏئي.

٣ ـ يار جي ابروءَ جي مخصوص صورت کي سمجهڻ وارو ئي اکين وارو آهي. ڪو ماهر مجسمه ساز هجي، جو يار جي ابروءَ جي گولائي کي سمجهي، ۽ ڪعبي ۽ مندر ۾ امتياز ڪري.

٤ ـ جيڪو فقط رنگ سڃاڻي ٿو تهن کي (حقيقت ۾) انڌو سمجهه. جامِ ”جهان نما“ جو ته ڪو رنگ ٿيندو ئي ڪونهي.

٥ ـ نظر ۽ اکين وارو اهوئي آهي، جنهن جي يار تي نظر هجي ۽ صاف آئيني کي (ظاهر آهي) انڌو ته ڪو نه ڏسي سگهندو!

٦ ـ سندس ذات ۽ صفات جي محفل کان گذر، مقامِ فنا کان به اڳتي لنگهڻ بعد بقا جو مقام ملندئي.

٧ ـ ساقي اهڙو ته خالص شراب عطا ڪر جنهن سان تبسم ئي تبسم حاصل ٿئي. جنهن جي مستيءَ جي ڪري مسڪين قميض ڦاڙي جسم کان جدا ڪري ڇڏي.

کیست یارب آنکه بکشاید در میخانه را — هیچ جز رندان نه بکشاید در خمخانه را
روز می هر کس بحول دولت رندان نگاشت — نقشبندے ساخت چوں خال رخ جانانه را
سرزنش کرده است چندان زاهدے خالی دماغ — غیر یارم کس نه بکشوده در میخانه را
بادهٔ وصلش چو از جوش جنوں عریاں بساخت — چند پوشم از خلائق ایں بت عریانه را
از ندائے لایزالش بر فلک چوں دم زدم — سوخت شمع عرش افروزے پر پروانه را
مشک بوئے طرهٔ طرار را باشانه ساخت — سنبل و ریحان بگفتا باز داری شانه را
مشت خاک خاکدانش در تهٔ میخانه نه — کاخرش در خاک انداز ند خاکی خانه را

بلبل مسکین همی نالید اندر بوستاں
ناله اش می ساخته دیوانه و فرزانه را

١ ـ ربّ سائين ! آهي ڪو ميخاني جو دروازو کولڻ وارو، رندن کان سواءِ ٻيو ڪير کولي سگهندو؟

٢ ـ هر رند جي روزي تڏهن لکجي ويئي، جڏهن نقش چٽيندڙ محبوب جي رخ تي سياه خال جوڙيو.

٣ ـ ڪوڙهه دماغ زاهد گهڻيئي ملامت ڪئي، پر ميخاني جو دروازو ٻي محبوب (حقيقي) کولي ڏنو.

٤ ـ محبوب جي وصال جي پيالي سبب، جوش ۽ مستي ايتري وڌي جو اگهاڙو ٿي ويس. هاڻي خلق کان هن اگهاڙي جسم کي ڪيترو لڪايان!

٥ ـ محبوب جي ازلي سڏ جو جواب جڏهن ڏنيئي مان ڪيم ته عرش روشن ڪندڙ شمع، پرواني جا پر ساڙي رکيا.

٦ ـ مشڪ جي خوشبوءِ وارا سهڻا وار محبوب ڪنگهي تي چڙهيا ته سنبل ۽ ريحان کان دانهن نڪري ويئي ته مهرباني ڪري ڦڻي نه ڏي.

٧ ـ مٽيءَ جي مٺ (جسم کي) ميخاني جي هيٺان رک. آخر ته خاڪي گهر واري کي مٽيءَ ۾ ئي ڦٽي ڪندا.

٨ - باغ ۾ جڏهن مسڪين بلبل آهون ڪيون ته سندس پر اثر رڙين ۾ دانهن سياڻن کي به چريو ڪري ڇڏيو.

درميانِ مصحفِ رويت زدم صد فالها
آيت لطفت ز رويت جسته ام صد سالها

سالها از جوشِ آتش بار نالهٔ خويشتن
ريختم از چشم خوني اشک همچون ژالها

درميانِ وادئ عشقت هزاران بي سران
همچو من بسيارے باشند شيدا والها

لشکرِ چشم تو چون از گيسوئے گير د کمند
رستم و سام نريمان مي شود چون زالها

مستئ بادِ خزانم از بهار افگند دور
مي کنم چون بلبلِ مسکين هزاران نالها

١ - تنهن جي منهن مبارڪ جي آئيني ۾ سوين فالون ڏٺم تنهنجي مهربانيءَ واري آيت به تنهنجي منهن ڪي ۾ سوين سال اڳي ڳولي لڌم.

٢ - پنهن جي نالن (آهن) ۾ جوشِ عشق وچان ڪيترا سال اکين مان رت جا ڳوڙها ڳاڙن جيڏا ڳاڙيم.

٣ - تنهن جي عشق جي واديءَ ۾ هزارين سر جو سانگو لاٿل ۾ مون وانگر ڪيئي شيدا ۽ بي اختيار آهن.

٤ - تنهن جي اک جو لشڪر جڏهن گيسوئن جي ڪمند ڪٽي ٿو ته ڏهن رستم ۽ سام (پٽ نريمان) به ”زال“ وانگر ٿيو وڃن.

٥ - بادِ خزان جي مستي مون کي بهار کان پري ڪري ڇڏيو، تنهن ڪري مسڪين بلبل وانگر هزارين آهون پيو ڪريان.

ساقی بقدح ریز تو گل گون شراب را | سیراب ساز جانِ منے چون سراب را
با ناز گر بگوئی کہ عرضِ فقیر چیست | دلبر بگوئیمت کہ تو بکشا نقاب را
برقع کشا ز چہرہ و اندر چمن خرام | شرمندہ ساز چشمِ مہ و آفتاب را
چندان ز صبر خواہی لب چون صدف کشا | چندان ز دہان بریز تو دُرِّ خوشاب را
از ابر گریہ آری و از شبنمِ سحر | خندہ گرفتی آر از گُل گلاب را

ما را معلم است فقط روئے مصحفت
ما سوختیم بمدرسہ دیگر کتاب را

مسکین ز پیچ و تاب سوی اللہ گشتہ شد | در گیسوئے تو دید چو شد پیچ و تاب را

١ - ساقي گل جي رنگ وارو شراب پيالي ۾ پرت. منهنجي رڄ جهڙي ساهه کي سيراب ڪر (داءِ).

٢ - جيڪڏهن ناز مان فقير جو سوال پڇين ته چوندس ته دلبر پنهنجو نقاب لاهه.

٣ - منهن کان پردو پري ڪر ۽ باغ ۾ ٽل. سج ۽ چنڊ جي اک کي شرمندو ڪر.

٤ - ڪيترو صبر ڪندين، سپ وانگر چپ کولي منهن مان ڪجهه آبدار موتي اوت.

٥ - ڪڪرن ۽ صبح جي شبنم کان روئڻ سکيو آهين، هاڻ گلاب جي گل کان مرڪڻ به سک.

٦ - اسان جو استاد تنهنجو مبارڪ منهن آهي. بس ٻيا سمورا ڪتاب مدرسي ۾ ساڙيا سون.

٧ - مسڪين جڏهن تنهنجي زلفن ۾ سوين پيچ ۽ تاب ڏٺا، تڏهن ماسوی الله جي ور وڪڙ
کان آزاد ٿيو.

باشد که گیرم در بغل یک روز سیمیں چنگ را ۔ تا در دلِ آید رشک گردونِ زمردیں رنگ را

از ہجرتم خونی جگر کافتادہ ام اندر سقر ۔ کیں آتشِ پرجوشِ من دردم گداز د سنگ را

روشن ضمیرا ے دلستاں ایں زنگ را از دلستاں ۔ زن صیقلِ صافی نما آئینہ پُر زنگ را

مژگاں سناں تیرِ نگہ ہر لحظہ ناوک می زند ۔ دو ترک زادہ الاماں کہ تاب آرد جنگ را

نظارۂ ابروئے او چیں را بچینے می خرد ۔ باشد کہ فہماند کسے آں یار شوخ و شنگ را

خواہی کہ بدنامم کنی گرچہ تو بے کامم کنی

در عشق تو کے جوید آں مسکین نام و ننگ را

۱ ۔ اهوڏينهن ٿئي جو چانديءَ جهڙي بدن کي ٻاکر ۾ آڻيان ته پڻ زمردين رنگ

آسمان ۾ ساڙ پيدا ٿئي.

۲ ۔ فراق جي سوز کان جگر رت سان ڀريل آهي ۽ عشق جي سوز کان ڄڻ دوزخ ۾ آهيان. منهنجي عشق جي باه

هڪ ٻُڙ قوڪ سان پٿر ڳاري سگهي ٿي.

۳ ۔ اي روشن ضمير دلبر هن دل جي ڪٽ ته لاهه ڪنيل آئيني کي صيقل هڻي صاف ته ڪر.

۴ ۔ پالڻ جيان پنبڙيون ۽ نگاهن جا تير هر گهڙي چڀين ستا ۾ پناهه. ٻن ترڪ زادن سان

لڙائي جي ڪنهن کي همت آهي.

